# سِنڌي ڪَلچر

## جيئينمِ سيد

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: شاهنواز سومرو

وائيس آف سنڌ اي بڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net voiceofsindh12@yahoo.com

# سنڌي ڪلچر

آگسٽ **1974**

ڇاپو پهريون

نئين سنڌ پبليڪيشن
ڪراچي
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: شاهنواز سومرو
**2008**

# انتساب

**هي پمفليٽ سنڌ جي سورهيه سوم**
**نواب دولهه دريا خان وزير اعظم ۽ فرزند خاص**
**سان معنون ٿو ڪريان- جنهن سنڌ جي قوم**
**پرستيءَ جو بنياد وڌو- تهذيب ۽ تمدن**
**لاءِ ڪم ڪيو- آخر ۾ ان جي آزاديءَ ۽ حفاظت**
**لاءِ وڙهندي پُٽن سوڌو شهيد ٿي ويو.**

غلام مرتضيٰ

سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

# فهرست


## پيش لفظ

**فصل پهريون**
ڪلچر جي معنيٰ ۽ اُن جا ترڪيبي اجزا.

**فصل ٻيو**
ڪلچر ڪيئن ٺهي ٿو ۽ اُن جي جوڙجڪ تي مختلف اثر.

**فصل ٽيون**
سنڌ جو ڪلچر ۽ اُن جا مختلف جُزا.

## نتيجو.

# ٻه اکر

جي- ايم- سيد ڪي ڪير نه سڃاڻي! سياست ۾ صداقت، صحبت ۾ سچائي، همت ۾ مردانگيءَ ۾ مُلڪان مُلڪ مشهور هستي آهي. سندس سوچ جا ڪرڻا، نگري نگري پکڙيل آهن، زندگيءَ جي وِڪ وِڪ تي، سورن ۾ سختين، ڏکن ۾ ڏاکڙن، مايوسين ۾ محرومين سان منهن مقابل هوندي به سيد رات ڏينهن سنڌ ڌرتيءَ کي هڪ دفعو وري سرهو ستابو ڏسڻ لاءِ ڪارونجهر جئن ڪرڪٽي آڪاش سان ٽڪرائيندو رهي ٿو، اياز سچ چيو آهي:

هيءَ جو پوڙهو جهور، وڙهندي ٿيو ويڙهه ۾،
اجا ڏمري ڏاڍ تي، آڻ نه مڃي مُور،
سوچي ڏسي ڏور، ايندڙ آرڻ ڏينهڙا!

هڪ طرف جي ايم سيد سياست جي ميدان ۾ آزاديءَ جي سين لڳائي، سوين هزرين سرواڻ پيدا ڪيا آهن، ته ٻئي طرف سائينءَ ٻتيءَ جي جهڪي روشنيءَ ۾ راتيون وهائي، نندون ڦٽائي، سنڌي ساهت کي بي بها خزانو ڏنو آهي، جنهن کان جڳ واقف آهي. اهوئي سبب آهي، جو سنڌ ۾ سنڌين جي ويري، پنجابي پناهگير مستقل مفاد جي ٽولي، سچ جي سين کان سراپجي ڪيترن ئي ڪتابن تي بندش وڌي هئي، جا اڃا هلندي اچي.

اسان نئين سنڌ پبليڪيشن طرفان سائينءَ جي ڪتابن کي ڇاپڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اميد ته اهو خزانو تُرت ئي اوهان تائين اچي رسندو.

سنڌي ڪلچر جو ٻيو ڇاپو ڇپرائي رهيا آهيون- پهريون ڇاپو هٿو هٿ کپي ويو ۽ سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ مان انهيءَ ڪتاب جي گهُر ٿي رهي هئي، تنهن ڪري اسان هن ڪتاب کي ٻيهر درستيون ڪري عمده نموني ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي. شل هيءُ ڪتاب سنڌ جي اُڀرندڙ نسل جي هٿن تائين رَسي ۽ سنڌ ڌرتي پنهنجو ماڳ ماڻي.

# پيش لفظ

تاريخ **8** آڪٽوبر **1958**ع مارشل لا ڊڪليئر ٿيڻ بعد حالتن جي ناسازگاريءَ ڪري ارادو ڪيو هوم ته طبيعت کي آرام ڏيڻ، علمي معلومات وڌائڻ، بگڙيل خانگي ڪاروبار کي درست ڪرڻ لاءِ ڳوٺ ۾ اچي رهان. يوناني حڪيم افلاطون (پليٽو) به اهڙين حالتن جي موجودگيءَ ۾ مشورو ڏنو هو ته:

”جڏهن ملڪ ۾ جمهوريت جي جاءِ ڊڪٽيٽرشپ والاري ته ان حالت ۾ سمجهدار ماڻهوءَ کي گهر جي چوديواري ۾ بند ٿي لکڻ پڙهڻ جي ڪم ۾ مشغول ٿيڻ گهرجي، جيسين تائين وچي ناموافق هوائون مُلڪ تان گذري وڃن!“

ٻئي ڏينهن ڳوٺ اچڻ جو ارادو هوم، ليڪن جيئن چوڻي آهي ته، ”بندي جي مَن ۾ هڪڙي، صاحب جي مَن ۾ ٻي!“ وانگر **10** تاريخ اڌ رات جو گرفتار ڪري اچي جيل ۾ بند ڪيائون. مٿي ذڪر ڪيل خيال ۽ ارادا دل ۾ ئي رهجي ويا.

وارنٽ ۾ ڄاڻايل هو ته، ”تنهنجو ٻاهر رهڻ پاڪستان جي داخلي خواهه خارجي سلامتيءَ لاءِ نقصان ڪار هو، ان ڪري سيڪيورٽي ائڪٽ هيٺ توکي ڇهن مهينن لاءِ جيل ۾ موڪلجي ٿو.“

جيل ۾ **15** مهينا رهڻا پيا. ان کان پوءِ سَن ۾ مارچ **1968**ع تائين نظربند رهيس.

ان سموري عرصي ۾ تاريخي ڪتابن جو مطالعو ڪيم. جنهن بعد ڪيترن مسئلن تي غور ڪري ڪي احوال قلم بند ڪيم. ان عرصي ۾ **24** کن ننڍا وڏا ڪتاب لکي سگهيس.

سنڌ جي ڪلچر تي غور ۽ فڪر ڪرڻ جو موقعو مليو. جنهن جي سلسلي ۾ حاصل ڪيل معلومات کي هن ننڍي پمفليٽ جي صورت ۾ ناظرين جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو.

هر قوم کي هزارن ورهين جي تجربي، تاريخي روايات، مُلڪي ماحول وغيره ڪري ڪي بنيادي ورثا ميراث ۾ ملن ٿا، جن جي حفاظت ۽ ترقي هو سندس مکيه فرض سمجهي ٿي، جن مان مکيه ورثا هيٺيان آهن:

1. وطن ۽ ان ۾ آزادانه زندگي بسر ڪرڻ جو حق.
2. قومي زبان.
3. قومي ڪلچر.
4. قومي اقتصادي مفاد.

### (**1**) وطن ۽ اُن ۾ آزادانه زندگي بسر ڪرڻ جو حق.

سنڌ هزارين ورهين کان هڪ جدا مُلڪ ٿي رهي آهي. جنهن جا رهاڪو باوجود جدا جدا نسلن، ٻولين ۽ مذهبن جي آخري طور هڪ اهڙي قومي حيثيت حاصل ڪرڻ کي ويجها ٿي ويا هئا، جنهن جهڙو مثال ساري برصغير هندوستان ۾ ملڻ مشڪل آهي. هنن وٽ هڪ زبان، ڪلچر، قومي روايتون ۽ مذهب جي بنيادي وحدت جو تصور موجود رهيو هو. جيڪڏهن هنن ڪنهن وقت ڌارين

جي تسلط هيٺ اچي وقتي سندن آزادي وڃائي ٿي ڇڏي ته سگهوئي همت ۽ ڪوشش سان اها وري هٿ ٿي ڪيائون.

مٿن مختلف دورن ۾ ايرانين، يونانين، عربن، پٺاڻن، مغلن ۽ انگريزن جي حڪومت جو قبضو ٿيل هو، جن سندن زبانن، ڪلچر ۽ اقتصادي مفاد کي مٿانئن زوريءَ مڙهيو هو. ليڪن ٿوري وقت بعد اهي ڌارين جا تسلط ۽ قبضا ختم ٿي ويا. سنڌ، ان جي زبان، ڪلچر، قومي ڪردار ۽ مفاد سلامت آهن. دنيا جي ٻين آزاد قومن وانگر هنن کي به پنهنجي نموني آزاد زندگي گذارڻ جو پورو حق آهي. ڊنمارڪ، فنلئنڊ، سويڊن، پورچوگال، هالينڊ، سائپرس، لبنان، جارڊن، سريا، يمن، وغيره قومون ۽ ملڪ، آزاد ۽ قومن جي سڀا جا ميمبر آهن، سي ڪيترين ڳالهين ۾ هن کان نه ايراضي نه آباديءَ ۾ وڏا آهن.

اهو هڪ تاريخي حادثو هو ته انگريزن ساري هندوستان تي قبضو ڪري، ان کي انتظام خاطر صوبن ۾ ورهائي ۽ وڃڻ بعد پاڪستان ۽ ڀارت جي صورت ۾ آزاد ڪري ڇڏيو، جنهن ۾ سنڌ پاڪستان جو صوبو بڻيو. ان سان سنڌ جي هندن جي گهڻي ڀاڱي کي حالتن جي ناموزون هئڻ ڪري لڏي وڃڻو پيو. ٿوري وقت بعد سنڌ جي صوبي کي ڪن مستقل مفاد جي مدنظر مغربي پاڪستان جي طاقتور صوبي پنجاب جي ماتحت ڪيو ويو.

هن وقت ملڪ ۾ ڪنٽرولڊ جمهوريت مروج آهي. دنيا جون طاقتور حڪومتون سندن مصلحت خاطر اهڙي طرز حڪومت جون طرفدار آهن. سنڌ جي ڪيترن هندن کي لڏي وڃي پرديس وسائڻو پيو آهي. باقي پوئتي رهيل سنڌي بي يار و مددگار هئڻ ڪري ڪجهه ڪرڻ کان مجبور آهن. منجهن اهڙي طاقت نه آهي، جو هي سنڌ جي اندروني آزادي حاصل ڪرائي سگهن. تنهن ڪري هنن لاءِ ٻيو طريقو نه رهيو آهي ته سندن باقي ورثن جي حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشش وٺن.

ليڪن اُن ڏس ۾ به ڪين ڪيتريون مشڪلاتون درپيش هيون. ملڪ جو تسلط هڪ غير همدرد گروهه جي هٿ ۾ وڃڻ ڪري، جن جي زبان، ڪلچر، مذهبي تخيل، سياسي ۽ اقتصادي مفاد علحده آهن، حالتن کي درست ڪرڻ آسان نه هو.

پاڪستان بڻجڻ کان پوءِ جي حالتن، وري سنڌ کي نئين مشڪلات جي مقابل ڪيو آهي، لکها سنڌي چاڙنڌڙ ۽ ڳالهائيندڙ سنڌي ڪلچر جا حامل هندو مُلڪ ڇڏي ڀارت هليا ويا، انهن جي جاين تي لکها ماڻهو ڀارت کان لڏي سنڌ ۾ آيا. انهن جي ٻولي، لباس، ڪلچر، مذهبي نقطئہ نگاهه علحده آهن. ازانسواءِ ون يونٽ ٿيڻ بعد، سنڌي مفاد سان هٿ چراند ٿيندي رهي آهي، تن نهايت مايوس ڪن حالتون پيدا ڪيون آهن.

تاريخ جي اڳين واقعن کان هي حالتون مختلف آهن. اڳي يوناني، ايراني، مغل ۽ انگريز مالي نفع حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندا هئا. هنن قديم باشندن کي لڪن جي تعداد ۾ لڏائي، انهن جي جاءِ گهڻي تعداد ۾ ڪانه پري هئي. انهن جي ڪلچر، زبان ۽ نون عقيدن جو سنڌ تي ايتري قدر اثر نه پيو، جيترو هِن حالت ۾ پئجي رهيو آهي. هن وقت ته سنڌ جي جداگانه وجود کي ختم ڪيو ويو آهي. ان جي زبان کي صوبائي زبان تسليم ڪري، ان ۾ اعليٰ تعليم نٿي ڏياري وڃي. ريڊيو ۽ سئنيما وغيره جي ذريعي سنڌي زبان جي ايتري به همت افزائي نه ٿي ڪئي وڃي، جيتري ڀارت ۾ سنڌين جي صوبي نه هئڻ جي باوجود ڪئي وڃي ٿي. اُتي سنڌي زبان کي صوبائي زبان جو درجو ڏنو ويو آهي، جنهن مطابق اعليٰ ۾ اعليٰ تعليم تائين، هو ان کي پڙهي سگهن ٿا. دهلي ريڊيو تان سنڌي زبان ۾ خبرون نشر ڪيون وڃن ٿيون. سنڌين طرفان صوبي جي ون يونٽ کان پوءِ آزاديءَ کي ڇڏي،

صرف زبان ۽ ڪلچر جي بچاءَ ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، ته به اُن کي نا پسنديءَ جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو ۽ سزائون ڏنيون وڃن ٿيون.

ٻئي طرف اسان جي مٿاهين طبقي جو ڪردار ڪِري پيو آهي ۽ خود مطلبي، قوم فروشي، نفاق ۽ بزدلي منجهن ايترو گهر ڪري ويل آهي، جو ڊپ وٺيو وڃي ته اسان هن نئين آزمودي مان ڪهڙي طرح نڪري پار پونداسون. اسان جي ماڻهن جو زياده تعداد ساده مزاج، علم ۾ گهٽ، مذهب جي غلط تشريح جي نالي ۾ ڏوڪوڪائيندڙ، تعداد ۾ ٿورو، محنت کان گُسائيندڙ، لالچ ۾ لُڙهي ويندڙ، جهيڙي فساد کان گوشي ڪرڻ ڪري، مقابل حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اهل ثابت ٿي نه سگهيو آهي. وٽن ايندڙ ماڻهن مان ڪيترا پاڻ کي فاتح، مهذب ۽ بهتر سمجهن ٿا. وٽن اسلام جو فسطائي تخيل، پاڪستان ۾ اسلامي حڪومت جو نعرو، اتحاد مسلمانان وغيره جهڙا دلڪش ڀُلائيندڙ نظريا موجود آهن. سندن خيالات جي پرچار لاءِ جديد قسم جي پروپيگنڊا جا جملي ذريعا، جهڙوڪ اخبارون، رسالا، ڪتاب، ريڊيا، ٽيليويزن، سئنيما، مذهبي عالمن جا پرچارڪ گروه موجود آهن.

اُن حالت ۾ سنڌ جي ورهايل، وچڙيل، پنتي پيل ڳوٺاڻن، اڻ پڙهيل، مختلف هنگامي نعرن هيٺ پنپلجي ويندڙ ماڻهن جي ڪلچر ۽ زبان جي ڪاميابيءَ جا آسرا رکڻ ڪيتري قدر درست آهي. اهي ۽ اهڙا ٻيا خيال ڪمزوري پيدا ڪندڙ هئا.

اڳي دنيا جا مُلڪ وڏن دريائن، سمنڊن، رڻ پٽن، جبلن، نسلن، وطني ماحول، طاقتور حڪومتن جي مُلڪن ۾ ورهايل هئا.

ليڪن هاڻ سائنس جي ايجادن، جهڙوڪ: هوائي جهاز، ٽيليگراف، اخبارن، ڪتابن، ريڊين انهن ملڪن جا سَنڌا هڪ طرف مٽائڻ شروع ڪيا هئا، ته ڪيترن ملڪن جي وفاقي طور ملڻ جي رجحان ۽ سامراجي طاقتن جي انهن کي مِلائڻ لاءِ ڪوشش جاري هئي.

ساڳيءَ طرح ٻولين جي جدا جدا ۽ مخصوص صورت به مٽجڻ شروع ٿي هئي. مختلف زبانن جي ڇاٽندڙن جو باهمي رابطو، ترقي يافته ملڪن، قومن ۽ زبانن کان علمي، هنري ۽ سائنسي لفظن جي اُڌار، حڪومت وقت جي سنڌي زبان سان معاندانه پاليسي، ٻوليءَ جي بقا ۽ فروغ ۾ ڪئين مشڪلاتون پيدا ڪري ڇڏيون هيون. سنڌي ٻوليءَ تي نظر ٿي ڪيم ته شاهه لطيف جي زماني کان، جنهن کي صرف ٻه سو ۽ ڪي ورهيه گذريا آهن، ته ان جو رنگ گهڻو بدلجي چڪو آهي. ان ۾ اڳيئي دراويدي، پارسي، عربي، منگول ۽ انگريزي زبان جا گهڻا لفظ داخل ٿي ويا هئا. هاڻ هنري ۽ سائنسي دور شروع ٿيڻ ڪري ڪيترا لفظ اُڌارا وٺڻا هئا.

ٽئين طرف مُلڪي ڪلچر تي نظر ٿي ڪيم، ته ان لاءِ به حالتون اطمينان بخش نظر نٿي آيون. ڪلچر ڇا آهي، اُن بابت حقيقت اڳتي ڏني ويندي، انهن حالتن تي غور و فڪر ڪرڻ بعد معلوم ٿيڻ لڳو ته حالتون آسان نه آهن. حڪومت ۽ نئين حالات سان گڏ، تاريخي ۽ ارتقائي رجحان اسان جي ڪڙي ڪيل قومي ديوار ۾ سوراخ وجهي، انقلاب آڻڻ جي پويان هئا.

هر شيءَ کي پنهنجو دور ۽ موسم ٿيندي آهي. ان وقت ان جي حفاظت يا پرورش ڪرڻ ڦل دائڪ ٿيندي آهي، پر موسم کانپوءِ ڪهنه پودا ڪري، نوان ڄمندا آهن.

اڪين اڳيان ڏٺو اٿئون ته بمبئيءَ کان سنڌ کي آزاد ڪرائي، اجان ٺيڪ طرح هلائڻ مس شروع ڪيو هئوسون، ته وري اسان کي پنجاب سان گڏي، ان جي مڪاني آزاديءَ کي سلب ڪيو ويو آهي. زبان تيزيءَ سان بدلجي رهي آهي، مڪاني ڪلچر تي ٻاهرين ڪلچرن جو اثر پئجي رهيو آهي.

مڪاني ماڻهن جي اقتصادي حالت خراب ٿي رهي آهي. انهن نون پيدا ٿيل حقيقتن ۽ مسئلن جي روشنيءَ ۾ سموري سوال تي نئين سر غور ڪرڻو هو.

صرف گذشته تاريخ جي چند مثالن ۽ جذباتي اثرن هيٺ خوش فهميءَ ۾ مبتلا رهڻ مان ڪو فائدو حاصل ٿيڻ وارو نه هو. انهن ڳالهين ڪي مدنظر رکي مون ڪي نتيجا ڪڍيا آهن، جي ڪتاب جي متن ۾ ٻڌائيندس. قوميت جو تخيل جدا جدا زمانن ۾ ماڻهن جي گروهن ۾ مختلف پئي رهيو آهي. جنهن ۾ نسلي، شهري، سامراجي، مذهبي ۽ وطني قوميت جا تخيل مکيه رهيا آهن.

هن وقت جنهن قوميت جو تخيل دنيا ۾ عام طور تسليم ڪيو وڃي ٿو، سو وطني قوميت جو آهي. هر ملڪ (وطن) ۾ آب و هوا، جاگرافيڪل حالات، ماحول، تاريخي روايات، نسلي رجحانات جي بنياد تي ڪي خصوصيتون پيدا ٿين ٿيون. جن جي بنياد تي قومي جوڙجڪ، ان جي گذر معاش جا ذريعا، قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان شڪل وٺن ٿا.

گذريل پنج هزار ورهين کان سنڌ جي جداگانه جاگرافيائي ۽ تاريخي حيثيت تسليم ٿيل آهي. دنيا جي ٻين قديم مهذب ۽ متمدن ملڪن وانگر هن کي زماني جا لاها چاڙها ڏسڻا پيا آهن. هتي جا رهاڪو جڏهن غير مُلڪي تسلط کان آزاد رهيا، مڪاني حڪومتن جي هٿ هيٺ رهيا آهن، ته ان وقت سندن قومي شيرازو متحد ڪرڻ، معاشي ذريعن جي ترقي، قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان جي واڌاري لاءِ ڪوشش پئي ٿي آهي.

پر جڏهن سنڌ سياسي آزادي وڃائي، ڌارين تسلط هيٺ آئي آهي، ته اُن وقت سندس معاشي ذريعي کي ڌارين جي مفاد لاءِ ڪتب پئي آندو ويو آهي. زور، لالچ ۽ غلط تعليم جي ذريعي سندن قومي ڪردار، ڪلچر کي بگاڙڻ ۽ ڌارئين زبان کي مُلڪي زبان تي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش پئي ٿي آهي.

اُهو مسئلو بحث طلب آهي، ته ملڪ جي سياسي آزادي، زيادہ اهم آهي يا قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان جي آزادي ۽ حفاظت ۽ ترقي وڌيڪ اهميت رکي ٿي.

هڪڙن ماهرن جو چوڻ آهي ته مُلڪ جي سياسي غلامي، قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان کي معزول ۽ معدوم ڪريو ڇڏي.

ٻين ماهرن جو رايو آهي ته جي ماڻهو پنهنجا قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان کي محفوظ ۽ سلامت رکڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا، سي گهڻو وقت سياسي غلاميءَ ۾ رهي نٿا سگهن.

سياسي غلاميءَ جو ڏک عارضي آهي، قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان جي ڪمزوري ۽ پستي، دائمي قسم جي آهي.

هن مضمون ۾ آئون ڪلچر ڇاکي چئجي؟ ان جا جوڙجڪي عنصر ڪهڙا آهن؟ هر هڪ مُلڪ جو ڪلچر ڪهڙي طرح ٺهي ٿو؟ اُن جي ٺهڻ تي ڪهڙين ڳالهين جو اثر رهي ٿو؟ سنڌ جي جداگانه ڪلچر جا مُکيه جزا ڪهڙا آهن؟ تي بحث ڪندس.

مون کي مُلڪ جي مکيه سياسي ليڊرن جا تازو ڪيل گفتا اجا تائين ڪَنن ۾ گونجي رهيا آهن.

هڪ چيو ته، ”ننڍو صوبو ننڍين دماغن جي ماڻهن سان ڀَريل آهي.“
(سردار پٽيل)

ٻئي چيو ته، ”سنڌين جو ڪلچر گڏهه هڪلڻ ۽ اُٺن ڪاهڻ وارو آهي.“
(لياقت علي خان)

تنهن ڪري آئون هن وقت سياسي آزاديءَ جي حصول کان قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان جي حفاظت ۽ سلامتيءَ کي زيادہ اهم سمجهي، اُن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

- غلام مرتضيٰ –

- 1963ع

# فصل پهريون

# ڪلچر جي معنيٰ ۽ اُن جا ترڪيبي اجزا

ڪلچر لاءِ ثقافت، تهذيب ۽ سڀيتا جي لفظن جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. ليڪن جيتري قدر مون ڪوجنا ڪئي آهي، اهي اُن جو نعم البدل ٿي نٿا سگهن. لُغتن ۾ ثقافت جي معنيٰ عقل وڏائڻ سان ڪئي ويئي آهي، جنهن جو تعلق صرف ذهني ڳالهين سان ٿيندو. تهذيب جو واسطو ظاهري ۽ نفسياتي آراستگيءَ سان رهي ٿو. سڀيتا مان ڪم و بيش تهذيب ۽ تمدن جي معنيٰ نڪري ٿي. منهنجي سمجهه ۾ ڪلچر جو لفظ وڌيڪ جامع آهي. تنهنڪري ان کي بحال رکيو اٿم. جنهن مان ثقافت، تهذيب ۽ تمدن، ٽنهي جو مطلب نڪري سگهي ٿو. ان جي وسعت ۾ انساني زندگيءَ جي اندروني خواهه ظاهري آراستگيءَ ۽ اصلاح اچي وڃڻ ٿا.

اخلاق جي درستي، نفسي اصلاح، ذهني تربيت اُن جي دائري ۾ هڪ طرف اچن ٿا، ته مُلڪ ۽ معاشري جي ترقي ٻئي طرف مقصود ٿئي ٿي.

اُن جي وسعت ۾ مذهب، فلسفو، سائنس، نفسيات، ادب، شعر، مُصوري، رقص ۽ ڊراما سڀ اچي وڃن ٿا. طريقت لاءِ جيڪڏهن ڪوبه جديد لفظ استعمال ڪري سگهجي ٿو، ته اُهو ڪلچر ٿي سگهي ٿو.

ڪلچر هڪ اڻ ڳُٺ اظهار خيال، جذبي ۽ عمل جو نالو آهي. جهڙي طرح سج جي روشني جملي ذي حيات لاءِ ضروري آهي، اهڙي طرح ڪلچر به انسان ذات جي اندروني خواهه ظاهري اصلاح ۽ آراستگيءَ لاءِ لازمي آهي.

جهڙيءَ طرح ساري انسان ذات بنيادي طرح هڪ جنس آهي، پر سجاڳپ ۽ نظام لاءِ قبيلن ۽ قومن ۾ ورهايل آهي، اهڙي طرح آخري طور جُملي انسان ذات جو ڪلچر به هڪ ٿيڻو آهي. ليڪن هر مُلڪ ۽ قوم وٽ هزار ورهين جي تجربي، معلومات، ماحول جي اثرن، نسلي رجحانن ۽ باهمي ميلاپ بعد ڪلچر به پرورش پائي، خاص صورت ورتي ٿو، جو سندن قومي ورثو بڻجي پوي ٿو. جنهن کي قيمتي ذخيرو سمجهي محفوظ رکندا آهن. اُڳتي هلي جڏهن مختلف قومن جي ڪلچرن مان انسان ذات جو هڪ ڪلچر بڻبو ته اُن ۾ صلاحيت وارا ڪلچر تاجي پيٺي جو ڪم ڏيندا ۽ ناموزون ڪلچر ڦٽا ڪري ڇڏيا ويندا. شاهه لطيف عليه اُن وقت لاءِ هيئن فرمائي ٿو:-

هي هڏ وهاڻي، جان ڪتندئن تان ڪت،
ڪو پنهنجي عيد کي، پيري ڪج پرت،
متان روئين رت، صباح وچ سرتئين.
(شاهه)

# ڪلچر جا مکيہ جزا

(**1**) نظرياتي ۽ مذهبي عقيدا.
(**2**) سماجي زندگيءَ جا طور طريقا.
(**3**) قومي ڪردار.
(**4**) فن لطيف ۽ ادب.

بهتر ائين آهي تہ مٿي ذڪر ڪيل ڪلچر جي مُکيہ جزن جي تشريح ڪريان.

## نظرياتي ۽ مذهبي عقيدا

زماني قديم کان نظرين ۽ عقيدن موجب ماڻهن جو رجحان اِن طرف پئي رهيو آهي.

(**1**) هڪ گروہ جو رجحان ماڻهن کي مختلف مذهبن، فرقن، نظرين، قومن ۾ ورهائي جدا ڪري محدود دائري اندر سندن ترقي ۽ تڪميل لاءِ پئي رهيو آهي.

(**2**) ٻئي گروہ جو رجحان، انسان ذات کي اتحاد جي ڏوريءَ ۾ پوئي هڪ ڪرڻ جي طرف پئي رهيو آهي. ان کي انفراديت Decentralization ۽ وحدانيت Centralization جي نالي سان سڏي سگهجي ٿو. اُهي ٻئي فطري طريقا آهن. جڏهين حيوان مان انسان ٿئي ٿو تہ روح جي انفراديت جي شروعات ٿئي ٿي. پر اُڃتي هلي، هن کي احساس پيدا ٿئي ٿو تہ اهي قطرا باوجود جدا هستيءَ جي بحر ڪل جا جزا آهن. اتان آيا آهن ان ۾ سمائبا. مٿي ذڪر ڪيل رجحان ماڻهن کي هيٺين طرح عمل ڪرائين ٿا.

### پهرين گروهہ

(الف) پهرين گروهہ: سندن نظرين، مذهب، فرقن، قومن کي مڪمل ۽ مهذب ڄاڻي، معاشري کي سندن رنگ ۾ رڱڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي.
(ب) اُن طرح خودي پيدا ڪري، پاڻ کي چونڊيل ۽ برتر ڄاڻي ٻين پنهنجي پيلن جي رهبري ۽ امانت جو حقدار پئي سمجهي اٿس.
(ت) جملي انسان ذات کي پنهنجي نقطي نگاہ طرف ڇڪڻ ۾ نجات انساني پئي سمجهي اٿس.

### ٻي گروهہ

(الف) ٻي گروهہ: هن کي وحدت الوجود جو پتو پئجي ويل هو، ان ڪري هن ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت پرکي هئي.
(ب) تنهن ڪري هن ڪثرت مذاهب پويان وحدت پرکي ان جو پرچار ڪيو ٿي.
(ت) جنهن مان اتحاد انسانيء، امن ۽ ترقي بني آدم، حاصل ٿي سگهي ٿي.

# سماجي زندگيءَ جا طور طريقا

انهيءَ ۾ سماج سان واسطو رکندڙ هيٺيون ڳالهيون اچي ويون ٿيون.
(الف) کاڌو، لباس ۽ گهر.
(ب) باهمي تعلقات ۽ رهڻي ڪرڻي جا طور طريقا.
(ت) سماجي دستور ۽ قاعدا.

## کاڌو، لباس ۽ گهر

کاڌي جي قسمن، انهن جي تيار ڪرڻ جي طريقن، مقرر وقتن بابت هر قوم وٽ سندن قبيلائي روايتن، ملڪي پيداوار، آب هوا، زندگيءَ جي ارتقا مطابق جدا جدا رواج هئا. ڪن ڇانور زيادہ کاڌا ٿي، ڪن ڪڻڪ، ڪن جوار، ٻاجهري، ڪير مکڻ، ڪن گوشت، ڪن مڇي ۽ اناج ۽ ڀاڄين تي گذر ڪيو ٿي.

اهڙي طرح کاڌن جي تيار ڪرڻ جا بہ جدا جدا طريقا مروج هئا. مغربي مُلڪن ۾ کاڌو هڪ نموني جو تيار ٿئي ٿو. مشرڪي مُلڪن مان چين، جپان وغيره جدا کاڌي جا نمونا تيار ڪن ٿا، تہ ڀارت ۽ پاڪستان ۾ ٻئي قسم جا طعام ٺهن ٿا. انهن ۾ هر مُلڪ ۽ قوم کي خاص خصوصيتون ٿين ٿيون.

ڪٿي ڏينهن ۾ چار دفعا ۽ ڪٿي بہ دفعا کاڌي کائڻ جا وقت مقرر آهن. اهڙي طرح لباس بنسبت هر هڪ مُلڪ جي خاص خصوصيت ٿئي ٿي، جنهن جو مدار گرمي، سردي، نسلي ۽ باهمي ميلاپ تي ٿئي ٿو. باوجود مغربي لباس ۽ تهذيب جي هر طرف پکڙجڻ جي بہ هر مُلڪ ۾ لباس جا جدا جدا نمونا مروج آهن.

گهرن جي تعمير بہ هر مُلڪ جي گرمي، سردي، مختلف تعميراتي مواد ميسر هئڻ، بارش جي گهڻائي ۽ ٿورائي، ملڪي تمدن تي مدار رکي ٿي. اهڙي طرح ڳوٺن جي تعمير. تنهنڪري انهن ٽنهي ڳالهين لاءِ جدا قومي خصوصيتن جو پيدا ٿيڻ لازمي امر آهي.

## باهمي تعلقات ۽ رهڻي ڪرڻيءَ جا طور طريقا.

ان ۾ هيٺين قسمن جون ڳالهيون شامل آهن.
(*1*) شادي ۽ غميءَ جا رسم ۽ رواج.
(*2*) قبيلائي يا مذهبي ڏڻوار يا موقعا.
(*3*) هڪ ٻئي سان گڏجڻ، ڪينڪار ۽ مجلس جا دستور.
(*4*) ميلاپ ۽ انهن موقعن تي ماڻهن جي تفريح لاءِ وندرون.

انهن سڀني ڳالهين تي مختلف ملڪن ۽ جدا جدا نسلن ۽ مذهبن جا ماڻهو، باهمي ميل ميلاپ، قديم روايات، مڪاني سهولتن، واپار ۽ تفريح طبعي لاءِ ڪي خاص قسم جا طور طريقا اختيار ڪن ٿا، جي سندن سماجي زندگيءَ جو جزو بڻجيو پون.

## سماجي دستور ۽ قاعدا:

قديم وقتن کان وٺي، ماڻهن جي جدا جدا قبيلن ۾ مڪاني حالات کي مدنظر رکي، باهمي اختلافن، چورين ۽ زالن تان فسادن جي فيصل ڪرڻ لاءِ ڪي دستور قائم ٿيل هئا. اهي آهستي آهستي ٿي جدا جدا قبيلن جي گڏجي رهڻ، مذهبي شريعتن، ملڪي حالتن ڪري خلط ملط ٿي، جدا قومي نمونو اختيار ڪري ويا ٿا. جن مان مثال خاطر ڪي هيٺ ڏجن ٿا.

**ڪن ملڪن ۽ قومن ۾ عزت قائم رکڻ لاءِ هارا ڪاري (آپگهات) جو دستور آهي.**

**ڪن قومن ۾ ڪاري ڪاريءَ جو رواج آهي.**

**ڪن جاين تي اجا تائين قصاص (بدلي، عيوضي يا انتقام) جو رواج آهي، ان ۾ هرو ڀرو اهو ضروري نہ آهي تہ ساڳي ماڻهوءَ کان عيوضو ونجي پر انهيءَ قبيلي جي ڪنهن بہ ماڻهو کان بدلو وٺي سگهجي ٿو.**

**ڪٿي هڪ زال جا ساڳي وقت ڪيترا مرد ٿين ٿا تہ ڪٿي هڪ مرد ساڳئي وقت گهڻيون زالون رکي سگهي ٿو تہ ڪٿي صرف هڪ مرد ۽ هڪ زال جو رواج آهي. ڪن قومن ۾ ڏوهہ لاءِ عيوض ونجي ٿو تہ ڪٿي سزا ڏجي ٿي. اهڙي طرح هر قوم ۽ ملڪ جا سماجي دستور علحده ٿين ٿا.**

# قومي ڪردار

هر ملڪ ۾ هزارن ورهين جي روايتن بعد آب هواء جدا جدا نسلن جي رواجن، ماحول، مذهبي عقيدن وغيره جي اثرن ڪري، اُتي جي رهاڪن جا ڪي قومي ڪردار ٺهن ٿا، جي سندن طبيعت جو جزو بڻجي، زندگيءَ تي اثر ڪري، هنن جي ڪردار ڪي صورت وٺائين ٿا. مثال لاءِ ڪي ڳالهيون هيٺ پيش ڪجن ٿيون.

**ڪِن** قومن ۾ نسل جي پاڪيزگيءَ کي زياده اهميت ڏيڻ ڪري، غيرت وڌيڪ ٿئي ٿي، جنهن ڪري زنا وغيره جي ڳالهين تان خونريزيون ۽ فساد ٿين ٿا. ليڪن ڪن قومن ۾ ان ڳالهه کي معمولي ڪري ورتو وڃي ٿو.

**ڪِن** قومن ۾ وفاداريءَ جو زياده مادو آهي، ۽ ڪِن ۾ ڏوڪو ۽ ٺڳي وڌيڪ عروج تي آهي.

**ڪِن** قومن ۾ مهمان نوازي خاص صِفت ڪري سمجهي وڃي ٿي، ڪي اُن کي فضول خرچي سمجهي، مورڳو هِريا ئي ڪونه آهن.

**ڪي** قومون جنگجو هئڻ ڪري، تشدد کي زندگيءَ جو حصو ڪري سمجهن ٿيون، ته ڪي هنسا کي بد امنيءَ ۽ فساد جو سبب سمجهي، اُن کان ٽارو ڪن ٿيون.

**ڪِن** قومن ۾ جتي پڇي نه سگهجي، اُتي پڇڻ ڪم وريامن جو سمجهيو وڃي ٿو. **ڪي** ناحق ۽ ڏاڍ اڳيان سِر نمائڻ کان مرڻ بهتر ٿا ڄاڻن، ڪن ۾ محبت گهر ڪري ويل آهي، ته ڪن جي زندگيءَ ۾ نفرت ۽ نفاق کي زياده اهميت ڏني وڃي ٿي.

**ڪي** بزدل ۽ بي همت ٿين ٿا، ته ڪي سرويچ ۽ باهمت آهن. ڪن خود مطلبي کي پيشو ڪري ورتو آهي، ڪي اُن کي بد اخلاقي ڄاڻن ٿا. ڪِن ۾ حب الوطنيءَ جو مادو گهٽو ٿئي ٿو، ڪي قوم فروشيءَ تي هريو وڃن.

اهڙي طرح سان مختلف قومن ۾ ڪردار جون جدا جدا وصفون پيدا ٿين ٿيون.

هرو ڀرو ائين نه آهي، ته قوم جا جملي ماڻهو مخصوص قومي ڪردار جا پوئلڳ يا قائل هجن. هر قوم ۾ ڪثرت هميشه ڪريل ڪردار جي ٿئي ٿي. اعليٰ ڪردار ڪن ٿورن ماڻهن ۾ ٿئي ٿو، پر اُن جي سڄاڻپ جي ڪسوٽي اُها ٿئي ٿي ته ملڪ جي شعر، ڏند ڪٿائن، ادب ۾ جن ڳالهين کي ساراهيو ويو آهي، اهي ئي اُن قوم جو ڪردار ڪري شمار ۾ آڻبيون.

# فن لطيف ۽ ادب

هر قومي ڪلچر لاءِ فن لطيف ۽ ادب جي وجود ۽ واڌاري جي ضرورت آهي. اُن لاءِ هر هڪ تي مختصر سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس.

ٻنهي لفظن لاءِ انگريزيءَ ۾ جامع لفظ ’آرٽ‘ استعمال ڪيو ويو آهي، جو آرٽس ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهايو وڃي ٿو. اُن جي عام طور معنيٰ اها ورتي وڃي ٿي ته اُها شئي يا ڳالهه جا دماغي ڪوشش سان پيدا ڪئي وڃي ٿي.

**دماغي آرٽ:** هن ۾ هيٺيان صيغا شمار ڪيا وڃن ٿا.

(**1**) گرامر (**2**) فلسفو (**3**) فن تعمير (**4**) حساب (**5**) راڳ (**6**) رقص (**7**) ادب (**8**) تاريخ وغيره.

**جسماني آرٽ:** هن ۾ هيٺيان صيغا شمار ڪيا وڃن ٿا.

(**1**) فن تعمير (**2**) دستڪاري (هٿ جو هُنر) (**3**) مصوري (**4**) فن لباس (**5**) فن طعام (**6**) فن آرائش (**7**) رانديون وغيره.

جيڪڏهن انهن جي جڙڻ جي تاريخ تي نظر ڪبي، ته اُن جي تعمير ۾ مختلف قبيلن، مذهبن ۽ ملڪن حصو پئي ورتو آهي. اُن ۾ ٻه ٻه رجحان رهيا آهن، هڪڙي گروهه مخصوص قومي آرٽ جي محدود دائري ۾ ترقي ۽ تعميل لاءِ پئي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ٻئي رجحان مختلف آرٽس کي گڏي عالمگير آرٽ بڻائڻ طرف توجهه پئي رهيو آهي.

مٿي آئون ٻڌائي آيو آهيان ته هر هڪ قوم کي پنهنجو مخصوص ڪلچر ٿئي ٿو، جو اُتي هلي عالمگير ڪلچر ۾ سمائجڻو آهي. جيئن ته آرٽ ڪلچر جو هڪ جزو آهي، سو ساڳيو قانون آرٽ سان به لاڳو ٿيڻ وارو آهي. جيئن وسيع باغ ۾ مختلف رنگن جا گُل ۽ وڻ چَمن جي حسن جي زيبائش ڪن ٿا، اهڙي طرح مختلف قومي آرٽ عالمگير چمن جي زيبائش جو سبب ٿي سگهن ٿا. ان جي الڳ وجود ۽ ضرورت کان انڪار ڪري ان کي مٽائڻ ترقيءَ جي راهه ۾ رنڊڪ وجهڻ، ارتقائي قانون ۽ دهر جي حقيقتن جي خلاف آهي. جيڪا به طاقت، پوءِ اها مذهبي هجي يا حڪومت اقليت جي يا اڪثريت واري قوم جي هجي. انهي فطري رجحان کي زور زبردستيءَ سان هڪ نموني تي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، سا ڪوشش شمار ڪري نٿي سگهجي. ڪرسچنٽي ۽ اسلام جي نالي ۾ مصوري، بت تراشي ۽ راڳ جي زوريءَ ختم ڪرڻ لاءِ جي ڪوششون ڪيون ويون، سي آخر نا ڪامياب ٿيون. مورڳو هن وقت انهي مذهبي ڪوشش کي بُرو سمجهيو پيو وڃي. هن وقت ان مذهبن جي اڪثر پوئلڳن ۾ انهن فنن کي زور وٺائڻ جي ڪوشش جاري آهي. بدقسمتيءَ سان پاڪستان بڻجڻ بعد ڪي تعصبي ۽ ڪٽر ماڻهو، هن جديد دور ۾ مذهب اسلام جهڙي امن پسند ۽ همه گير مذهب جي نالي ساڳيا ڪُڌا ڪم ڪرڻ گهرن ٿا، جن جي ڪري انهيءَ مذهب جي بدنامي ٿئي ٿي.

# فصل ٻيو

## ڪلچر ڪيئن نهي ٿو- اُن جي جوڙجڪ تي مختلف اثر.

جهڙي طرح سان جبلن ۽ مٿاهين زمينن تي هزارين ورهين جي برفن ۽ مينهن پوڻ ڪري، وڻ ڇميو ٻيلا نهن ٿا. جن مان ڪڏهن پَن، ڪڏهين وڻ ڪريو، سڙيو، پاڻ ٿيو پون. پراڻن جاين تي نوان وڻ ڄمن ٿا، مينهن جو پاڻي وٽن ڪي سيراب ڪرڻ ڪان پوءِ نالن ۽ ندين ذريعي هيٺاهين زمين تي اچي ٿو. اهو پاڻي پاڻ سان مٿي ذڪر ڪيل طريقي سان نهيل پاڻ، جبلن ۽ زمينن جا ڪيميائي پاڻ سان پرپور جُزا لوڙهيو، گهليو، هيٺاهين زمينن تي اچيو لَٽ وجهي، آباديءَ لائق ۽ زرخيز زمين بڻائي ٿو، جنهن ۾ طرح طرح جا فصل پيدا ٿي، مُلڪ ۽ اُن جي رهاڪن جي گذر معاش ۽ ترقيءَ جو ڪارڻ بڻجن ٿا. اهو سلسلو سدائين جاري رهي ٿو. هڪڙا وڻ ڄميو، ڪريو، ٻيا ڄمن ٿا. ندليون لَٽ لوڙهينديون، زمينن ڪي نئين سر زرخيز بڻائي فصل اُپائينديون رهن ٿيون.

اهڙي طرح بعينه ساڳي حالت قومن جي نهڻ ۽ سندن ڪلچر جي پيدا ٿيڻ جي رهي ٿي، مختلف ڪٽنب ۽ قبيلا هزارن ورهين ڪان گذر معاش جي تنگي، پنيان طاقتور قبيلن جي ڪين ڏِڪي جاءِ والارڻ، بيمارين، ڏُڪارن پوڻ وغيره جي وجهن ڪري، تاريخ جي جدا دورن ۽ زمانن ۾ ڏڪجيو، گهلجيو، حالتن جي تقاضا، حفاظت ۽ گذرمعاش جي سهولتن سبب، اچيو ڪن جارافيائي خطن جي ملڪن ۾ ڪَنا ٿي رهڻ لڳن ٿا. اهو سلسلو هميشه جاري رهي ٿو. رڳو سنڌ جو مثال وٺنداء ته اُتي دراويدي، آريا، سامائيت، منگول نسلن جا ماڻهو ۽ انهن جي ننڍن قبيلن جا ڪُٽنب ۽ ماڻهو وڻ وڻ جي ڪاٽي وانگر اچي هن ملڪ ۾ ويٺا، جن ۾ سماٽ، راجپوت، لهاڻا، جت، مهاڻا، پنار، بلوچ ۽ عرب قبيلن جا ماڻهو اچي وجن ٿا.

انهن سڀني ٻاهران آيل ماڻهن ڪي سندن ٻوليون، رسمون رواج، لباس، رهڻي ڪرڻي جا طريقا، ادب، قديم روايتون، مذهب ۽ قومي ڪردار هئا. جن سڀني گڏجي سنڌي قوم بڻجي، اُن ڪي مخصوص ڪلچر سان سينگاريو آهي.

صدين جي گڏيل تعلقاتن، ملڪي ضرورتن، حالتن جي تقاضائن، گذر معاش جي ذريعن، پاڻ ۾ سڱابندي ڪرڻ، ملڪي آب و هوا ۽ ماحول سبب سندن اختلاف گهٽبا ويا. اهي جدا ڪيميائي جزا، قصا ڪهاڻيون، مذهبي عقيدا، رسم رواج، سماجي دستور ۽ قومي ڪردار اختيار ڪندا اچن، جن **سنڌي ڪلچر** جي صورت ورتي آهي.

ان ساري سرگذشت هزارها ورهيہ ورتا، جنهن تي مختلف زمانن جي روايات، قبيلائي نسلن جي رجحانن، مُلڪي زرخيزي، مُلڪي ماحول، واپار جي ذريعن ۽ مختلف مذهبي عقيدن، پنهنجا پنهنجا اثر ڇڏيا. اُن مان سنڌين جو مستقل ڪلچر نهي، سندن ذهني، سماجي، نفسياتي ۽ قومي ڪردار جو حامل ٿي پيو. دنيا ۾ اهڙا سوين زمين جا خطا آهن، جن ۾ آباد ٿيل ماڻهن، قومن جي صورت اختيار ڪري، پنهنجا پنهنجا ڪلچر بڻايا ۽ ٻوليون ٺاهيون آهن، جن ڪي سندن قومي ورثا سمجهي، انهن جي حفاظت ڪرڻ سندن قومي فرض سمجهن ٿا.

اڄ ڪلهه اقوام متحده ۾ اهڙين قومن جو تعداد **135** کي پهتو آهي. اجا اُن جي وڌڻ جو امڪان آهي. تاريخ جي مطالعي مان هڪ طرف جدا قومن، زبانن، ڪلچر جي بڻجڻ جو سلسلو جاري ڏسجي ٿو ته ٻئي طرف انهن جي اختلافن کي مٽائي، هڪ ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن. اُن عالمگير رجحان ۾ ٽي قوتون ڪم ڪري رهيون آهن.

(**1**) سامراجي طاقتون :-

جنهن ذريعي ننڍين مُلڪن ۽ قومن کي زوري گڏي، هڪ طاقتور ملڪ ۽ قوم جي ماتحت بڻائجي ٿو. اهو طريقو زور زبردستيءَ سان طاقتور قوم جي فائدي لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. جنهن جي خلاف ننڍين مُلڪن ۽ قومن طرفان، سندن قومي مفاد کي نقصان پهچڻ جي انديشي کان مخالفت ٿئي ٿي. گذريل مهاڀاري لڙايون انهيءَ سامراجي طريقي جي نتيجي جي پيداوار هيون.

(**2**) وفاقي طريقه ميلاپ :-

انهيءَ ذريعي سان ننڍا مُلڪ ۽ قومون، باهمي مفاد جي بنياد تي قبول ڪيل اصولن مطابق اتحاد ڪن ٿيون. اهو طريقو باهمي مفاد ۽ رضامنديءَ جي بنياد تي ٻڌل هئڻ ڪري، اڪثر مقبول پئي رهيو آهي، جنهن وسيلي گڏ ٿي رهندڙ ملڪ ۽ قومون ڏي وٺ جي آڌار تي، متحده ملڪ ۽ متحده قوم بڻجڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿيون. اُن مثال ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا، سوويت يونين ۽ ڀارت وغيره اچن ٿا.

(**3**) نظرياتي طريقه ميلاپ :-

جنهن مطابق مذهبي يا اقتصادي نظرين جي بنياد تي، جماعتون ٺاهيون وڃڻ ٿيون، جديد ملڪن ۽ قومن جي حقيقي معاملن، مڪاني حالتن، وقتي تقاضائن ۽ قومي ضرورتن کان زيادہ هو ڪن نظرين ۽ مذهبي عقيدن کي اهميت ڏين ٿا. انهن جو تعلق مُلڪن سان نه پر هم خيال ماڻهن سان رهي ٿو. جهڙيءَ طرح سان سڀ ماڻهو، قومون، مُلڪ هڪ جهڙا نه آهن، ڪي ماڻهو ڏڳها، ڪي ٻندرا، ڪي گورا، ڪي ڪارا، ڪي هوشيار، ڪي ڏُڏ ۽ اهڙي طرح ڪي قومون گهڻي تعداد واريون، ڪي ٿوري تعداد واريون، جنگجو ذهنيت جون، ته ڪي امن پسند، ڪي ترقي يافته، ڪي پٺتي پيل آهن ۽ مُلڪ به ڪي وڏا، ڪي ننڍا، ڪي ٿڌا، ڪي گرم، ڪي زرخيز ته ڪي بنجر، ڪي کاڻين سان ڀرپور ته ڪي خالي ٿين ٿا. ساڳيو قانون نظرين ۽ عقيدن سان لاڳو ٿئي ٿو- مثلاً دنيا ۾ هن وقت ڪيترا اهڙا مکيه نظريا آهن، جي ماڻهن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ جي عيوض، اڻ ڳٽ اختلاف پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بڻيا آهن. جن مان مکيه هيٺيان آهن.

(**1**) نظريه دهريت (Materialism) ۽ ان جو ضد روحانيت (Idealism).
(**2**) نظريه جمهوريت (Democracy) ۽ ان جو ضد آمريت (Dictatorship)
(**3**) نظريه قومپرستي (Nationalism) ۽ ان جو ضد نظريه سرمائيداري (Imperialism)
(**4**) نظريه اشتراڪيت (Communism) ۽ ان جو ضد نظريه سرمائيداري (Capitalism)

بهتر آهي ته انهن نظرين جي مختصر تشريح ڪريان

# دهريت ۽ روحانيت

**دهريت:**

هن نظرئي موجب ماده کي زندگي (روح) تي اهميت ڏني وڃي ٿي. ان ڪري ماده کي درجي اول جي حيثيت ڏئي روح (مائينڊ) کي ثانوي درجو ڏنو وڃي ٿو. انهيءَ نقطي نگاهه موجب روح ماده جي مختلف عنصرن جي باهمي عمل جي پيداوار آهي. ان ڪري جڏهن به مادي جو باهمي عمل بند ٿئي ٿو، يا اُن ۾ رڪاوٽ پوي ٿي، ته زندگي ختم ٿيو وڃي. هن نظرئي جي معقدن جو شخصي روح جي هستي ۽ تسلسل ۾ اعتقاد نه آهي. ان نظرئي جي مڃڻ بعد مذهبن جا جملي اعتقاد، جهڙوڪ حيات بعد الممات، تناسخ (جورڻ) جزا ۽ سزا، بهشت ۽ دوزخ، ڪائنات جو پلان (منصوبو يا رٿا) ۽ مقصدن سان پيدا ٿيڻ، انهن جي پيدا ڪندڙ، هلائيندڙ طاقت (خدا) ۾ اعتماد رکڻ جا عقيدا سڀ ختم ٿيو وڃن.

جنهن ڪري هنن جو سارو زور هن دنيا جي زندگي بهتر بڻائڻ ۽ هر ڳالهه جو فيصلو عقل ۽ تجربي جي بنياد تي ڪرڻ طرف رهي ٿو.

# روحانيت

هن نظرئي مطابق روح (مائينڊ) کي اصلي شيءِ ڪري ورتو وڃي ٿو. ان ۾ مادي کي ثانوي حيثيت ڏني وڃي ٿي. انهي جي مڃيندڙن مان ڪي ته مورڳو مادي جي جدا هستي کان انڪار ڪري، ان کي صفت ۽ ڏوڪي سان تشبيهه ڏين ٿا. انهن جي نقطه نگاهه کان روح ذات ۽ مادو صفات آهي، روح ابدي (آدي) ۽ ازلي (جگادي) آهي ۽ مادو فاني ۽ تبديل ٿيندڙ آهي.

انهيءَ نظرئي جي بنياد تي جملي مذهب وجود ۾ آيا آهن. خدا حيات بعد الممات، آواگون (تناسخ) جزا ۽ سزا، ڪرم جو ڦل، بهشت ۽ دوزخ ۽ مذهبن جا جملي طور، هر هڪ ماڻهو سندس عملن لاءِ جوابدار هو. تنهن ڪري گهٽ ۾ گهٽ هر شخص آزاد هو. جيئن ته ڪي ماڻهو محنتي، لياقت وارا ۽ مضبوط ٿين ٿا ۽ ڪي سست، ڪُند فهم (ڏُڏ) ۽ ڪمزور آهن، تنهن ڪري پنهي گروهن جي ڪليل مقابلي ۾ ڪي ماڻهو ملڪيت، پيسي ۽ اقتدار جا مالڪ بڻجيو وڃن ۽ ڪي محڪوم، مفلس ۽ نادار ٿيو پون.

جنهن صورت ۾ هن نظرئي موجب بنيادي طرح ڪليل مقابلو روا آهي، ته ان جي آڌار تي پيدا ٿيل طبقاتي ۽ مستقل مفاد کي تسليم ڪري، مذهبي قانون اهڙي طرح بڻايا ويا آهن، جو شخصي ملڪيت، ذرائع پيداوار ۽ ورهاست کي هٿ لائڻ يا دست اندازي ڪرڻ جي منع آهي. نتيجي ۾ ڪي ڪروڙن روپين جا مالڪ بڻجيو وڃن، ته ڪي بي زر، بي اجهي، مزدور، بنا زال جي رهجيو وڃن. اهڙي نظام کي به ختم ڪرڻ لاءِ مذهبي قانون مخالفت ڪن ٿا. بلڪ ڪي ته ان کي ڪرم جو ڦل، يا قسمت جو نتيجو قرار ڏين ٿا. ان کان سواءِ مذهب فوق العقل اختياري تي مدار رکي، گهٽ حد تائين عقل ۽ تجربي مان حاصل ڪيل معلومات کي ثانوي حيثيت بخشي ٿو. انهي پنهي نظرين جي بنياد تي جي جماعتون نهن ٿيون، سي بين الاقوامي حيثيت رکڻ ڪري، مختلف قومن جي مستقل مفاد، جهڙوڪ وطن، ڪلچر، اقتصادي مفاد ۽ زبانن کي نقصان پهچائين ٿيون. اهي ذهني

سامراج آهن، جي نظرين ۾ انسان ذات جو پَلو ڏسي، سپني ماڻهن کي زوريءَ يا تبليغ ذريعي سندن جماعتي نظام ۾ آڻڻ گهرن ٿا. جنهن مان فطري طرح مختلف ملڪن ۾ پيدا ٿيل، قومن جي مختلف ورثن، جهڙوڪ شخصي عقيدن، سماجي زندگيءَ جي طور طريقن، قومي ڪردار ۽ آرٽ (ادب ۽ فن لطيف) جي جدا وجودن کي ختم ڪري، ڪن نظرياتي قالبن ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. تنهن ڪري سندن انتهائي حالت ۾ قومن ۽ ان جي ڪلچرن کي نظرين جي بنياد تي نهيل جماعتن مان نقصان پهچڻ جو انديشو رهي ٿو.

# جمهوريت ۽ آمريت (آپيشاهي)

**جمهوريت:**

جمهوريت اُن نظرئي کي ڪوٺجي ٿو جنهن موجب قوم جي افراد جي مساوي حيثيت تسليم ڪجي ٿي. ملڪ جي هر عاقل بالغ ماڻهوءَ کي ملڪ جي سياسي، اقتصادي ۽ سماجي معاملن لاءِ آزادانه راءِ سان عيوضي چونڊي سندن مرضيءَ مطابق حڪومت هلائڻ جو حق ڏنو وڃي ٿو. اِنهيءَ ڪري هر فرد کي آزادانه تقرير، تحرير ۽ جماعت سازيءَ جو حق رهي ٿو.

البت پنتي پيل مُلڪن ۾ جتي ڪثرت تعداد ماڻهن جي، جوان، پڙهيل ۽ سيادسي شعور نه رکندڙ، غريب ۽ غير منظم آهي. اتي ابتدا ۾ هوشيار، پئسي وارا ۽ مٿاهين طبقي جا ماڻهو عوام کي برغلائي طاقت سندن قبضي ۾ رکن ٿا. ليڪن بنيادي طرح جمهوريت جي اصول مڃڻ ۽ بالغ راءِ دهي جي حق ڪري آهستي آهستي ماڻهن ۾ سياسي شعور پيدا ٿيو وڃي ۽ کليل مقابلي ۾ نيٺ عوام سندن حق حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو وڃن.

قوم پرستي ۽ جمهوريت لازم ۽ ملزوم ڳالهيون آهن. ان مطابق نه صرف افراد جي حق کي قبوليو وڃي ٿو پر هر قوم جي خود ارادي جو حق تسليم ڪيو وڃي ٿو.

**آمريت:**

هن نظريي جو بنياد فسطائي نقطه نگاهه تي رکيو ويو آهي، جنهن مطابق ماڻهن کي لائق ۽ ان لائق مضبوط ۽ ڪمزور متبدل ۽ ڏڪاريل، سڌريل ۽ اڻ سڌريل، گروهن ۾ ورهائي، پهرين گروهه کي حڪومت، بزرگي ۽ رهبري جو اهل ڄاڻي اقتدار ۾ آندو وڃي ٿو. نتيجو اهو ٿو نڪري ته مذهب، حڪومت، علم ۽ عقل ۾ چند ماڻهن پاڻ کي خود ساخته علمبردار مقرر ڪري عام راءِ مطابق عوام کي سندن عيوضي چونڊي ڪاروبار هلائڻ کان محروم ڪن ٿا. ان ڪري آزادانه تقرير، تحرير ۽ جماعت سازي تي پابنديون وڌيون وڃن ٿيون. هر اختلاف راءِ کي ملڪ ۾ انتشار پکيڙڻ جي آڙ ۾ برداشت ڪيو وڃي ٿو. هنن جي نقطه نگاهه موجب صرف لائق ۽ مضبوط قومون هن زندگيءَ جي تنازع للبقا ۾ ڪامياب ٿين ٿيون، بيون سڀ فنا ٿيڻ واريون آهن.

تنهن ڪري لائق قومون يا لائق ماڻهو حڪومت هلائڻ جا حقدار سمجهيا وڃن ٿا. انهن جي راءِ صحيح ۽ بي عيب ٿئي ٿي. انهن خيالن تي هلندي ڪي طاقتور، هوشيار ۽ جنگجو شخص يا گروهه زور زبردستيءَ سان حڪومت تي قبضو ڪري ان کي مخصوص ماڻهن، گروهه يا طبقن جي مستقل مفاد لاءِ هلائين ٿا. ان مان عارضي طرح ڪجهه انتظامي سختي ڪري مخالفت دبجيو وڃي ۽ ماڻهن ۾ هڪ قسم جو جمود پيدا ٿيو وڃي، عوام ملڪي معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ ڇڏيو ڏين. ڊڪٽيٽر جو هر

لفظ سَند ڪري مڃڻو پوي ٿو. انهن جي چوڌاري خوشامندڙين ۽ جي حضورين جو هجوم گڏ ٿيو وڃي، آزاد خيال ۽ ايماندار ماڻهن کي ويجهو اچڻ کان رڪاوٽ پئجيو وڃي. جنهن ڪري صاحب اقتدار، صحيح مشورا ۽ صلاح کان محروم ٿيو پون، ۽ انهن کان غلطيون سرزد ٿيڻ لڳن ٿيون. ڪامورن جي بيگهي مڃيو وڃي. هر نڪتہ چيني کي ناپسنديءَ جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو. ظاهري مخالفت دٻجيو وڃي، اندروني طرح ناراضگي وڌڻ لڳي ٿي. آئيني طريقن سان اختلاف ڪرڻ جي اجازت نہ هئڻ ڪري مخفي سازشون شروع ٿين ٿيون، جي ڳالهيون مُلڪ کي خانہ جنگي ڏي ڌِڪين ٿيون. هيءَ ڳالهہ صاف سمجهڻ گهرجي تہ اڪثر مذهب، ڪميونزم ۽ فاشزم ڊڪٽيٽرشپ ڏانهن ڇڪين ٿا.

# قومپرستي ۽ سامراج

## قوم پرستي:

اڄ ڪلهہ قوم پرستي دنيا ۾ مقبول عام نظريو آهي. هر قوم ان ۾ اعتماد رکي سندس ترقيءَ لاءِ ڪوشان نظر اچي ٿي. قوم پرستيءَ جا دنيا ۾ ڪيترائي تخيل مختلف زمانن ۾ مروج رهيا آهن. جهڙوڪ، نسل، شهريت، سامراجيت ۽ مذهب جي بنياد تي قومن جا تخيل. ليڪن هِن دور ۾ جنهن قوم پرستيءَ جو دنيا ۾ سِڪو چالو آهي، تنهنجو بنياد وطن، زبان، ڪلچر، قومي ڪردار، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي اُصولن تي ٻڌل آهي. هن وقت دنيا ۾ اهڙين قومن مان اقوام متحده (United Nations) ٺهيل آهي. جنهن ۾ هن وقت تائين ***135*** کن اهڙي قسم جون قومون ميمبر طور داخل ٿيل آهن. انهن جي ميمبرن جو تعداد روز بروز وڌي رهيو آهي.

قوم پرستيءَ جو آواز هن وقت نهايت طاقتور آهي. ان ذريعي مُلڪن جي آزادي، ترقي ۽ تعمير لاءِ گهڻو ڪجهہ ٿي رهيو آهي. ليڪن ان جي صحيح طور واڌاري جي راهہ ۾ هيٺيون رڪاوٽون پيل آهن، جي انهن کي دور ڪرڻ لاءِ اقوام متحده يا انسان ذات طرفان ڪو انتظام نہ ڪيو ويو تہ مستقبل ۾ دنيا جي امن کي خطرو آهي.

### ***1***- قوم پرستيءَ جو اُڳرائيءَ وارو رجحان:

اهو ان قسم جو رويو آهي جو جرمني، اٽلي ۽ جپان هڪ وقت اختيار ڪيو هو ۽ اڄ ڪلهہ اسرائيل، سائوٿ آفريڪا ۽ چين اختيار ڪري رهيا آهن.

### ***2***- مذهبي قوم پرستي:

ان جو اظهار ڀارت، پاڪستان، انڊونيشيا ۽ اسرائيل ۾ ڪي جماعتون ڪري رهيون آهن. جنهن جي زور وٺڻ ڪري ننڍين قوميتن جي مفاد ۽ وجود کي هڪ طرف نقصان جو انديشو آهي تہ ٻئي طرف ڪٽرپڻي، تعصب ۽ نفرت جي پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي.

### ***3***- سفيد رنگ جي قومپرستي:

ان جو اظهار سفيد قوم جي چند گروهن طرفان ٿي رهيو آهي، جهڙوڪ سائوٿ آفريڪا، روڊيشيا، پورچوگال ۽ ڪي آمريڪا جا گروهہ. ان مان نسلي ۽ رنگ جي بنياد تي نفرت ۽ نفاق پيدا ٿي رهيو آهي.

### ***4***- ڪثرت تعداد جي قوم پرستي:

ان جو اظهار چند ڪثرت تعداد قومن طرفان ٿي رهيو آهي، جهڙوڪ ڪئناڊا ۾ انگريزن جو فرينچن مٿان، ڀارت ۾ يوپيءَ جو ٻين صوبن مٿان، پاڪستان ۾ پنجابين جو مغربي پاڪستان جي ننڍن صوبن مٿان، آمريڪا ۽ چين جو ننڍين قومن سان رويو. اهي طريقا اڻ سڌي طرح سامراج کي هٿي ڏين ٿا.

## 5- ترقي يافته قومن جي قوم پرستي:

هن وقت دنيا جون قومون ٻن گروهن ۾ ورهايل آهن. هڪ ترقي يافته ۽ ٻيون پٺتي پيل ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشان قومون آهن. ايشيا، آفريڪا، لاطيني آمريڪا جون ڪثرت تعداد قومون، پوئين گروهه ۾ شامل آهن. يورپ، اتر آمريڪا جون اڪثر قومون، پهرين گروهه ۾ شامل آهن. پهريون تعليم، هنر، سائنس، پئسي ۽ واپار ۾ ترقي ڪرڻ سبب، شاهوڪار آهن ۽ پويون غريب آهن. هن وقت حالت اها آهي ته پهرين گروهه واريون قومون روز بروز شاهوڪار ٿينديون، وڌيڪ ترقي ڪنديون وڃن ٿيون ۽ ٻي گروهن واريون پهرين تي مدار رکندڙ ۽ غريب آهن. مساويانه حيثيت اختيار ڪرڻ جو پهرين قومن جي موجوده پاليسيءَ ڪري ظاهر ڪو امڪان نظر نٿو اچي. جي اها حالت گهڻو وقت قائم رهي، ته اها ڳالهه بدامني جو سبب بڻبو.

## سامراج:

سامراج جي معنيٰ اها آهي ته وڏيون، طاقتور ۽ ترقي يافته قومون يا مُلڪ ۽ حڪومتون ننڍين ڪمزور پٺتي پيل قومن ۽ مُلڪن کي سندن سياسي، اقتصادي، ڪلچرل ۽ لساني مفاد لاءِ مٿن تسلط قائم ڪري،کين استعمال غرضي (ايڪسپلائيٽيشن) لاءِ ڪتب آڻين.

هن وقت سامراج جا اُهيان طريقا سواءِ ڪجهه مُلڪن جي گهٽبا وڃن، ليڪن اجا به ڪي مُلڪ آهن، جي باوجود اقوام متحده جي ٺهرائن ۽ دنيا جي عام راءِ جي خلاف بيٺڪون رکيو ويٺا آهن.

پر سامراجي قوتن وري نيون صورتون اختيار ڪيون آهن. جن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

(**1**) ڪي طاقتور قومون ننڍن ۽ پٺتي پيل قومن کي سندن زير اثر آڻڻ لاءِ اقتصادي ۽ فوجي مدد جا ذريعا استعمال ڪن ٿيون.

(**2**) ڪي طاقتور قومون فسطائي نظريه موجب ٻين کي اڻ لائق سمجهي، پاڻ کي خودساخته اتاليق ۽ محافظ مقرر ڪري، ننڍن ۽ ڪمزور قومن کي تسلط هيٺ رکن ٿيون.

(**3**) ڪي قومون ڪميونزم کي انساني نجات جو ڪارڻ ڄاڻي، اُنجي اثر هيٺ، ٻين قومن کي مختلف طريقن سان آڻڻ ضروري ڄاڻن ٿيون.

(**4**) ڪن قومن جي مکيه گروهن، سندن مذهبن کي ديني نجات ۽ دنيوي ڄاڻي، انهن جي اثر هيٺ قومن، فرقن ۽ حڪومتن کي آڻڻ پنهنجو مطمع نگاهه بڻايو آهي.

(**5**) ڪٿي سفيد فام قومن يا نسلن پاڻ کي ترقي يافته، چونڊيل ۽ ليڊرشپ جو لائق سمجهي، غير سفيد قومن ۽ ماڻهن کي زيردست رکڻ جائز تصور ڪيو آهي.

(**6**) ڪٿي هڪ ئي ملڪ ۽ حڪومت ۾ وڏا ۽ ترقي يافته صوبا، پٺتي پيل قوميتن ۽ صوبن جي سياسي آزادي، اقتصادي مفاد، ڪلچرل ترقي ۽ زبان جي واڌاري ۾ رڪاوٽون وجهي سندن مستقل مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ کي صحيح ٿا سمجهن.

سامراج جي مٿي ذڪر ڪيل سيني طريقن جو بنياد فسطائي نظرين، خود مطلبي، طاقت ۽ لياقت، زور زبردستي ۽ ڌوڪيبازي تي رهي ٿو. جنهن مان ننڍين ۽ پٺتي پيل قومن ۾ ناراضگي پيدا ٿي، بد امنيءَ جو سبب بڻجي ٿي. گذريل ٻه مهاڀاري لڙايون، ان جو ڪارڻ هيون. ان جي سدباب لاءِ اقوام متحده قائم ڪئي ويئي آهي، ليڪن هيٺين سببن ڪري، اها ان جي دور ڪرائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهي آهي.

(**1**) اقوام متحده جي ايگزيڪيوٽو (سلامتي ڪاميٽي) ۾ پنجن وڏين قومن کي دائمي جايون مليل آهي، جن مان هر هڪ کي ڪنهن به تجويز کي رد ڪرڻ لاءِ ويٽو جو اختيار مليل آهي.

(**2**) آمريڪا ۽ روس جهڙين وڏين طاقتن کي به هڪ ووٽ جو حق آهي ته يمن ۽ اسرائيل جهڙن ننڍين ملڪن کي به هڪ ووٽ جو حق آهي.

(**3**) جيستائين انهن ننڍين ملڪن وڏين طاقتن جي سياسي گروهن ۾ رهي، سندن مرضيءَ مطابق ووٽ ڏنو ٿي ته وڏين طاقتن ڪڇيو ڪونه ٿي؛ هاڻي جڏهن ايشيا ۽ آفريڪا جي مُلڪن مان ڪن گڏجي آزاديءَ سان ووٽ ڏيڻ شروع ڪيو آهي ته وڏين طاقتن اقوام متحده جي ٺهرائن کي سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح بيڪار بڻائڻ شروع ڪيو آهي. جهڙوڪ: سائوٿ آفريڪا، اسرائيل، پورچوگال، روڊيشيا وغيره جي معاملن ۾.

(**4**) اقوام متحده کي ڪميونسٽ بلاڪ ۽ مغربي سامراجي بلاڪ، سندن پروپيگنڊا ۽ سياسي شطرنج کٽي اکاڙو بڻايو آهي. ان ڪري ايشيا، آفريڪا، سائوٿ آمريڪا جي ڪيترن ملڪن جي ان ۾ وقعت ڪانہ رهي آهي.

(**5**) ان کي سندس ٺهرائن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڪابہ اختياري ڪانہ آهي.

(**6**) اها سامراجي سازشن، جنگي تيارين، خوفناڪ هٿيار ٺاهڻ جي گهٽتائي ۽ ننڍين قومن جي داد رسي ۽ ترقيءَ لاءِ خاطر خواه انتظام نہ ڪري سگهي آهي.

انهن حالتن هيٺ ائين پيو ڏسڻ ۾ اچي ته مٿين جماعت کي ذڪر ڪيل خامين کان آجي ٿيڻ ۾ وقت لڳندو.

ان وچ ۾ ننڍين ملڪن ۽ پٺتي پيل قومن کي سندن حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ باهمي سمجهوتي ۽ رضامنديءَ سان وفاق يا جماعتون بڻائي پاڻ کي ايراضي خواه آباديءَ جي لحاظ کان وڏيڪ طاقتور بڻائڻ گهرجي.

عرب ملڪن، آفريڪا، مشرق بعيد جي ڪن حصن ۾ اهو احساس پيدا ٿي چڪو آهي. ليڪن ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ڪي شڪ شبها، اختلافي مسئلا، مذهبي ۽ فسطائي نظريا، باهمي سمجهوتو ڪرائي نہ سگهيا آهن. باقي ڏي وٺ جي آڌار تي جملي پٺتي پيل ملڪن ۾ اتحاد جي ضرورت آهي.

# اشتراڪيت ۽ سرمائيداري

## اشتراڪيت:

هن نظرئي مطابق جملي ملڪيت، پيداوار ۽ ورهاست جا ذريعا، پڻسوءِ جماعت (حڪومت) جي هٿ هيٺ آندا وڃن ٿا، جي عوام جي مفاد لاءِ ان کي ڪن منصوبن مطابق ڪتب آڻين ٿا. ان مطابق شخصن ۽ طبقن جي ڇڙواڳ استعمال غرضي (ايڪسپلائيٽيشن) ڪري، مخصوص طبقي کان سواءِ عوام مسڪين ۽ محتاج ٿيو پون، سو نٿو ٿئي. هن نظرئي وارن کي به مذهبن جي پوئلڳن وانگر اهو ويساهه ويهي ويو آهي، ته جملي انسانذات جي دنوي نجات سندن نظرئي جي دنيا تي تسلط ٿيڻ جي وسيلي ٿيڻ واري آهي. ان ڪري ان کي خوشيءَ يا زور سان دنيا تي مڙهڻ ضروري آهي. مذهب ۽ ڪميونزم جي وچ ۾ تفاوت صرف هي آهي ته پهرين جو مدار فوق العقل اختياريءَ تي رهي ٿو ۽ پوئين جو مدار تاريخي ارتقا جي تجزئي ۽ عقل تي رهي ٿو، ليڪن هر هڪ سندن عالمگير صداقت جو حامي آهي.

## سرمائيداري:

هن نظرئي جو بنياد هر شخص جي بنيادي آزاديءَ تي پڏو وڃي ٿو، جو اصل ۾ مذهبي نظرئي جي پيداوار آهي. ان مطابق هر ماڻهو پنهنجي عملن لاءِ جوابدار آهي. تنهن ڪري کيس ملڪيت گڏ ڪرڻ پيدائش ۽ ورهاست جي ذريعن کي استعمال ۾ آڻڻ، پڻسي ذريعي ڪمائي ڪرڻ جو حق آهي. ان واسطي هنن مذهبي ۽ فلسفيانه جواز ڳوليا آهن. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته قومن جو گهڻو حصو غريب، بي گهر، بيمار ۽ محتاج رهي ٿو ۽ ڪي گروهه ۽ طبقا، ساري ملڪيت، پيدائش ۽ ورهاست جي ذريعن ۽ پڻسي جا مالڪ بڻجي رنگ رليون ڪندا وتن ٿا.

مٿي ذڪر ڪيل نظرين ڪري، پيدا ٿيل مشڪلاتن سبب انسان ذات اهڙي ته واٽي منزل تي اچي پهتي آهي، جنهن مان يا ته ماڻهو ڪو خاطر خواهه باهمي سمجهوتي سان حل ڳولهي، هن وقت تائين پيدا ڪيل تهذيب ۽ تمدن کي بچائي، ان کي ترقي وٺائي، زندگيءَ جي مکيه مقصدن: اتحاد، امن ۽ انساني ترقي ڏي هلي، منزل مقصود تي پهچن يا باهمي شڪ شبهن، نفرت ۽ نفاق، تشدد ذريعي معاملن کي فيصل ڪرڻ ۾ ڦاسي، انسان ذات جي تباهي ۽ تنزل جو ڪارڻ بڻجن.

انهن مسئلن کي حل ڪرڻ واسطي، دنيا کي اهڙي فلسفه حيات ۽ ڪلچر جي ضرورت آهي، جو سندن رهبري ڪري سگهي. انهيءَ ڪسوٽيءَ جي بنياد تي، اسان کي دنيا جي مختلف ڪلچرن کي پرکڻو آهي. جي ڪلچر انهيءَ ڪسوٽيءَ تي ٺهڪي آيا، سي ورلڊ ڪلچر (بين الاقوامي ڪلچر) جي اوچي ۾ تاجي پيتي جو ڪم ڏيئي سگهندا، ٻيا ڪلچر باوجود سندن حامين جي وڏن دعوائن، محنت، جانفروشي ۽ وسيلن جي تاريخي سيلاب جي وهڪري ۾ وهي، ختم ٿي ويندا.

هاڻ اسان کي ڏسڻو آهي ته اسان جي ڪلچر ۽ ان مان پيدا ٿيل فلسفه حيات ۾ ڪي اهڙا جُزا آهن، جي مختلف نظرين جي ٽڪراءَ، انسان ذات ۾ موجوده شڪ شبهن، نفرت ۽ نفاق جي هوندي، سندن رهبريءَ لاءِ بين الاقوامي ڪلچر ٺاهڻ واسطي، ڪا امداد ڏيئي سگهن ٿا يا نه؟ جي نه، ته سياسي ميدان تي اڳي شڪست کائي ويٺا آهيون، باقي ڪلچر به بيڪار هئڻ جي حالت ۾ اسان جون حالتون سڀ اجايون ٿينديون.

آئون ان مسئلي تي غور ڪرڻ بعد هِن نتيجي تي پهتو آهيان ته سياسي ميدان تي اسان ڪي اسلام، مسلم قوم ۽ پاڪستان جي نالي ۾ غلام بڻائيندڙن جي ڪلچر ڪان، سنڌي ڪلچر وڌيڪ صلاحيت وارو آهي، ان ڪري موجوده تڪليفن مان مشڪلاتن جي باوجود نيٺ وجي لنگهي پار پونداسون ۽ اسان تي ظلم ڪندڙ، سندن نظرين ۽ بد اعماليءَ ڪري نا ڪامياب ٿيندا.

# فصلُ ٽيون

## سنڌ جو ڪلچر ۽ اُن جا مکيہ جُزا

آئون مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ ڪلچر جا مکيہ شعبا هيٺيان ٽين ٿا.
(*1*) نظرياتي ۽ مذهبي عقيدا.
(*2*) سماجي زندگيءَ جا طور طريقا.
(*3*) قومي ڪردار.
(*4*) آرٽ [ادب ۽ فن لطيف]

بهتر آهي تہ مٿي ذڪر ڪيل چئن شعبن جي سنڌي خصوصيت تي تفصيل سان روشني وجهان.

## مذهبي عقيدا

پاڪستان اندر ماڻهن جو مذهب گهٽ ۾ گهٽي قدر اسلام آهي، ليڪن ان جون تشريحون بہ جدا جدا ٿيل آهن، جن جو تفصيل سان احوال منهنجي ڪتاب "**جيئن ڏٺو آهي مون**" مان پئجي سگهي ٿو. ليڪن هتي هي پڌائڻ ضروري ٿو ڄاڻان تہ اسلام جون بہ تشريحون ڪيون ويون آهن، جن مان هڪ ڪي مُلا جي تشريح سڏيو ويو آهي ۽ ٻئي ڪي اهل طريقت جي. سنڌ جي اڪثر درويشن جو اهل طريقت جي تشريح ۾ عقيدو رهيو آهي.

هيٺ مختصر طرح ٻنهي تشريحن جي مکيہ متن جو ذڪر ڪريان ٿو.

### مُلا جي اسلامي تشريح:

(*1*) اسلام دنيا جو مڪمل ۽ آخري مذهب آهي. ان جي اچڻ کان پوءِ ٻيا سڀ مذهب منسوخ ٿي ويا آهن.
(*2*) انهيءَ دين ذريعي، انسان ذات جي جملي مشڪلات جي نجات حاصل ٿيڻ واري هئي، ان ۾ ماڻهن جي ڀلائي ۽ بهبوديءَ لاءِ مڪمل فلسفہ حيات موجود آهي.
(*3*) پاڪستان جا مسلمان مذهب جي بنياد تي جداگانہ قوم آهن، جن کي جملي قومن جي رهبري ۽ امامت ڪرڻي آهي.
(*4*) انسان ذات جي نجات لاءِ دين اسلام جو ساري دنيا تي غلبو ضروري آهي، جنهن لاءِ تبليغ ۽ جهاد کان ڪم وٺڻو هو. ان ڪري مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻو آهي.
(*5*) پاڪستان ۾ سرشتہ حڪومت اسلامي روايات ۽ حُڪمن موجب هلائڻ ضروري آهي.

## اهل طريقت جي اسلامي تشريح:

**(1)** اسلام دين فطرت هو، جنهن جو پيغام خدا طرفان هر ملڪ، قوم ۽ زماني ۾ انسان ذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ واسطي جدا جدا پيغمبرن، رشين، حڪيمن ۽ اهل الله پئي پهچايو آهي. جن سڀني جي تعليم جو بنيادي مقصد ساڳيو هو. انهن جي پيغام ۾ باوجود ظاهري گونا گونيءَ جي بنيادي وحدت سمايل هئي. اسلام انهيءَ حقيقت جي اظهار جو شارح هو. جنهن صورت ۾ جملي مذهب دين فطرت جا جزا هئا، ان ڪري انهن جي منسوخ ٿيڻ جو عقيدو غلط هو. ليڪن جملي مذهبن جو شريعتي شعبو، جنهن جو واسطو سماجي دستورن ۽ قانون سان هو، سو حالتن جي تقاضا، معاشري جي تبديلي، وقتي ضرورتن مطابق تبديل ۽ منسوخ ٿي سگهيو ٿي. اهو قانون جهڙيءَ طرح ٻين مذهبن جي شريعتن سان لاڳو ٿيو ٿي. اهڙي طرح قديم دور جي حالتن، معاشري ۽ وقتي ضرورتن جي بنياد تي، مروج ٿيل اسلام جا شريعتي قانون به جديد تقاضائن جي بنياد تي تبديل ٿي سگهن ٿا.

**(2)** مُلا جي تخيل واري دين اسلام مان نه انسان ذات جي مشڪلات جي نجات ٿيڻ واري آهي، نه ماڻهن جي فلاح ۽ بهبوديءَ لاءِ منجهس مڪمل فلسفه حيات موجود آهي. اهي عقيدا روح اسلام ۽ دين فطرت جي بنيادي مَتن جي خلاف آهن. دين فطرت جي صحيح معنيٰ قانون ارتقا آهي، جنهن مطابق دنيا جي هر شيءِ، مادي يا ذهني (روحاني) سدائين ترقي پذير آهي، ڪمال جي حصول لاءِ زندگي سدائين تحرڪ ۾ رهٺي آهي، تنهن ڪري دين فطرت کي چند عقيدن، شرعي قانونن ۽ عبادتن ۾ محدود ڪرڻ جو تصور ئي غلط آهي. جهڙيءَ طرح پاڻيءَ جي تازگي سندس روانيءَ ۾ آهي، رت جي صفائي ۽ پاڪيزگي ان جي دوري ۾ آهي، اهڙيءَ طرح دنيا جي هر شيءِ تبديلي ۽ تحرڪ ذريعي قائم رهي ٿي. زندگي تحرڪ سان وابسته آهي، تنهن ڪري ان سان تعلق رکندڙ قانون به تبديل ۽ تحرڪ وارا ٿيڻا آهن.

**(3)** قومن جي تشڪيل مذهبن جي بنياد تي ڪرڻ، غير فطري ڳالهه آهي. مذهبن جي تشڪيل عقيدن تي ٿئي ٿي، جي نظرين مان پيدا ٿين ٿا، جي ذهني پيداوار آهن. ماڻهو ذهن ۽ جسم جو مرڪب آهي، ان کي فطري قوتن جي اثر کان جدا ڪري نٿو سگهجي. قومن جي بڻاوت ۾ وطني حالتون، جهڙوڪ آب هوا، ماحول، گذر معاش جي ذريعن، باهمي رابطي ڪري پيدا ٿيل زبان، نسلي طبيعتن جي رجحان ڪري پيدا ٿيل قومي ڪردار ۾ هزارن ورهين جي معلومات، تجربي، بودباش ۽ نفسياتي جذبات کي گهڻو اثر رهي ٿو. تنهن ڪري مسلمانن کي مذهب جي بنياد جدا قوم تسليم ڪري انهن کي انسان ذات جي هدايت ۽ ليڊريءَ جي صنعتن سان منسوب ڪرڻ خوش فهمي ۽ خود فريبيءَ کان سواءِ ڪجهه نه آهي.

**(4)** آئون مٿي ڄاڻائي آيو آهيان ته مُلا جي تخيل وارو اسلام نه مڪمل دين آهي نه انسان ذات جي اُن مان نجات حاصل ٿيڻ واري آهي، بلڪ خلاف فطرت هئڻ ڪري، منسوخ ۽ مبدل هئڻ جي لائق آهي. ان ڪري ان ۾ انسان ذات جي واحد رهبري ڪرڻ جي لياقت نه آهي، نه ممڪن العمل آهي. تجربي ۽ تعليم بعد ماڻهو ان نتيجي تي پهتا آهن، ته

مذهب ڪي ماڻهوءَ جي شخصي عقيدي سان واسطو هئڻ گهرجي. هر مُلڪ جي سياست ماڻهن جو چونڊيل عيوضين جي هٿ هيٺ، ملڪي حالتن ۽ وقتي تقاضائن مطابق هلڻ گهرجي. مذهب جو ان سان واسطو نه هئڻ گهرجي.

(**5**) پاڪستان ۾ سرشتہ حڪومت ڪي اسلامي روايتن ۽ حُڪمن موجب هلائڻ جو خيال جاهل متعصب ۽ مستقل مفاد ، وقتي تقاضائن ۽ مُلڪي ضرورتن ڪي نظرانداز ۽ مسلط ڪرڻ جي برابر آهي.

سنڌي ڪلچر جا مذهبي اعتقاد، پوئين گروهه اهل طريقت جا آهن. جنهن مطابق قومون نظري طرح جدا جدا مُلڪن ۾ مٿي ذڪر ڪيل اثرن هيٺ ٺهن ٿيون، نه مذهب جي چند فرسوده عقيدن جي بنياد تي، جن ۾ ذهني موشگافين ڪري، سَوها فرقا پيدا ٿي پيا آهن؛ جن مان هر ڪو پاڻ ڪي حق تي ۽ ٻين ڪي ناحق تي ڄاڻي ٿو. ان ڪان سواءِ مٿي ذڪر ڪيل پنجن اختلافي مسئلن ۾ سنڌي ڪلچر، هيٺين سببن ڪري هيٺ بيان ڪيل نظرين ۾ ويساهه رکي ٿو.

## دهريت ۽ روحانيت:

سنڌي درويشن جي نقطي نگاهه ڪان اهي ٻئي رايا هڪ تصوير جا ٻه رُخ آهن. هڪ ڪي قبولي ٻئي ڪي رد ڪرڻ ڪوتاهه نظريءَ جو باعث آهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اُهين گڏ، پر ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

انهيءَ ساڳي خيال جي بيدل فقير به وڏيڪ صفائي، هيٺين طرح ڪرڻ فرمائي ٿو:

حقيقت ۾ هڪ ٿيو، ڪُفر ۽ اسلام،
مظهر مولا پاڪ جي، هندو مسلمان،
تارا ڪيا تالان، سورج سنڌي سوجهري!

سنڌي درويشن دهريت ڪي ڪفر ۽ جمله مذهبن ڪي اسلام سڏيو آهي. هنن سيني مذهبن ۾ ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت پرکي هئي. هنن جڏهين ڪُفر (دهريت) ۽ مذهبن (اسلام) ڪي هڪ تصوير جا ٻه رُخ سمجهيو هو، ته مذهبن جي نالي ۾ ماڻهن ۾ نفاق ۽ نفرت پيدا ڪرڻ ڪي هو ڪهڙي طرح برداشت ڪري سگهيا ٿي.

روحل فقير انهيءَ جي سمجهاڻي هيٺين طرح ڏئي ٿو.

ڪُفر ۽ اسلام ۾، ٿا پرين اُبتا پير،
هڪ هندو ٻيا مسلمان، ٿيون وچ وڏائون وير،
انڌن اوندهه نه لهي، تن ڪي سچ چوندو ڪير.

## جمهوريت ۽ آمريت:

سنڌي ڪلچر جمهوريت جي رستي جو حامي آهي. جنهن موجب هر هڪ ماڻهو، قوم، مذهب، ملڪ ۽ نسل جي جداگانه وجود ۽ حق خوداراديءَ جو حقدار آهي. جنهن ڪري هر فرد جي اظهار راءِ، تقرير، تحرير ۽ جماعت سازيءَ جو حق تسليم ڪيو وڃي ٿو. هو ماڻهن، قومن، مُلڪ ۽ نسلن ۾ مساوات آڻڻ گهري ٿو. هو نظرئي يا مذهب جي نالي ۾ پيدا ڪيل لائق ۽ اڻ لائق، مضبوط ۽ هيٺي، ڏٽيل ۽ ڏڪاريل، ترقي يافته ۽ پٺتي پيل مصنوعي تفاوتن کي نٿو مڃي. هو هر اڳرائيءَ، ڏاڍائيءَ، تشدد (هنسا) جي ذريعي ٻين جي مٿان تسلط قائم ڪرڻ جي خلاف آهي. پوءِ اهو تسلط مذهب، برگزيده قوم يا نظرئي جي نالي ۾ ئي ڇونه قائم ڪيو ويو هجي.

هو سڀ ۾ پرين پسي ڇوي ٿو ته:

ڪشي ڪان ڪمان ۾، متان مارين مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي!

اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي!

هن وٽ هيٺيون عالم آهي:

نئون نياپو آيو، راڻي وٺان رات،
لڏي سون لطيف چئي، ڪنا ڏاتر ڏات،
ڪانه پڇي ٿو ذات، جي آئيا سي اگهيا.

## قوم پرستي ۽ سامراج:

سنڌي ڪلچر قوم پرستيءَ جو حامي آهي، ۽ هر قسم جي سامراج جو مخالف آهي، پوءِ اهو سامراج مذهب اسلام جي نالي ۾ پرچار ڪري، ننڍين صوبن ۾ قومن تي وڏن صوبن ۽ قومن جو تسلط قائم ڪرڻ وارو هجي، يا فسطائي يا ڪميونزم جي نالي ۾ شخصي يا قومي آزاديءَ کي زوريءَ ختم ڪرڻ جو حامي هجي.

يا اُهو سامراج پير، سيد. مُلا، شاهوڪار جي مستقل مفاد لاءِ عوام کي محڪوم ۽ مظلوم رکڻ وارو هجي.

يا اڪثريت جو اقليت مٿان سندن رضامندي ۽ سمجهوتي کان سواءِ زوريءَ تسلط جو حامي هجي.

يا هڪ زبان جو ٻين قومن جي زبانن کي ڪمزور ڪري پاڻ کي زور وٺائڻ جو هجي.

يا هڪ تاريخي خطي زمين جي رهاڪن جي زمين، نوڪرين ڪارخانن ۽ واپار تي قبضي حاصل ڪرڻ وارو هجي.

يا سياست، مذهب ۽ اقتصادي مسئلن بابت مستقل مفاد جي فائدي ۾ هڪ طرفو پيدا ڪيل جواز وارو هجي، سنڌي ڪلچر مخالف آهي.
هن جي قوم پرست تعليم جا ڪي مکيه جُزا هيٺيان آهن.

جيها جي تيهاءِ مون مارو مڃياءِ،
مون جيڏيون ملير ۾، ٿيون چونڊين موڪ مهاءِ،
منهنجي آس اِهاءِ، ڪڏهين ڪيرائيندي ڪوٽ کي!

ايءَ نه مارن ريت، جو سيڻ مٽائين سون تي،
اڇي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانه ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙين تي نه مٽيان!

وري هر قوم جي فطري حق آزاديءَ بابت ڳالهائيندي شاهه سائين فرمائي ٿو:

اللهﷻ اِئين مَ هوءِ، جيئن آءٌ مران بند ۾،
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڄنم ڏينهڙا.

## اشتراڪيت ۽ سرمائيداري:

ان لاءِ سنڌي ڪلچر وچولو رستو اختيار ڪرڻ گهري ٿو، يعني سرمائيداري جي ختم ڪرڻ لاءِ، هو خوني انقلاب جي بدران سوشلزم جي ارتقائي طريقي کي پسند ڪري ٿو.
شاهوڪارن خلاف شاهه سائين ذڪر ڪندي فرمائي ٿو:

پنجن مان پندرهن ڪري، ائين ٿا ورق ورن،
ڏُڪاريا ڏيهه مان، موذي شال مرن.

وري عوامي انقلاب جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو:

مند ٿي منڊل منڊياءِ تاڙي ڪئي تنوار،
هارين هر سنپائيا، سرهيا ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار، وَسڻ جا ويس ڪيا!

سنڌي ڪلچر جي شعبه عقيدي جا مکيه جزا هيٺيان آهن.
(***1***) محبت (Love) پريم.
(***2***) عدم تشدد (Non Violence) اهنسا.
(***3***) رواداري (Co Existence) هڪ ٻين سان برادرانه سلوڪ.

(**4**) لاڪوفيت (Non Alliance) غير جانبداري.
(**5**) حق خود ارادي (Right of self determination) آزاد راءِ ۽ قومي آزادي.

## محبت

سنڌي ڪلچر ۾ محبت کي وڏو مقام حاصل آهي، هو ان کي مٿي ذڪر ڪيل دنيا جي موجوده مشڪلاتن، جهڙوڪ:

**1**- شڪ شبهن ۽ خوف خطرات.
**2**- نفرت ۽ نفاق.
**3**- تشدد ۽ تسلط.
**4**- غربت ۽ افلاس

جي دور ڪرڻ جي ڪُنجي ٿو سمجهي. هر سنڌي درويش عشق جي ساراهه ڪندو رهيو آهي. شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

محبت سنڌي مام، ڪور پروڙي ڪين ڪي!

مصري شاهه چوي ٿو ته:

عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ.

بيدل سائين اُڪي ٿو ته:

اٿان جاءِ نهين ڪنهن دي آوڻ دي،
ريءَ عشق بنا لئي پاوڻ دي.

محبت ماڻهن ۾ اتحاد آڻي ٿي. اتحاد امن جو پيش خيمو آهي. امن انسان ذات جي ترقي لاءِ مددگار ۽ معاون آهي. مذهب، مُلڪ، قوم يا نظرين جي ناليءِ ۾ نفرت پيدا ڪندڙن کي، سنڌي ڪلچر ڪفر برابر سمجهي ٿو.

## عدم تشدد (اهنسا)

سنڌي ڪلچر بنيادي طرح اهنسا جو حامي آهي، هو مخالفن کي محبت سان ۽ نصيحت ذريعي قائل ڪرڻ جو حامي آهي.

شاهه سائين فرمائي ٿو:

”هو چوني تون مَ چئو، واتان ورائي“

ٻي هنڌ چوي ٿو ته:

مون کي اَکڙين، وڏا ٿورا لائيا،
نه پڻ پرين پسن، ڪٺان جي ڪر سامهون!

ٻي هنڌ فرمائي ٿو ته:

ڪر جا ڪڌ ڪنئين، پوڻ خاطر پرينءَ جي،

تنهن ۾ پارڻ پئي، غيبتي غار ٿيو.

هن جو جهاد نفس سان آهي، نہ خلق خدا جي مارڻ سان. هو هنسا کي حيواني صفت ڄاڻي ڌڪاري ٿو؛ هن کي پتو آهي تہ هنسا ذريعي حاصل ڪيل ڪاميابي عارضي ۽ اُڪين جي ڏيؤ برابر آهي.

تنهن ڪري هر مقصد جي حصول لاءِ صحيح تعليم، تاليف قلوب، خدمت خلق ۽ هر ڪنهن سان ڀلائي ڪرڻ جا طريقا استعمال ڪرڻ جي فائدي ۾ آهي. زور زبردستيءَ ذريعي عارضي ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي خلاف آهي، هن کي تاريخي مطالعي مان معلوم آهي، تہ سڪندر ۽ دارا سندن بادشاهين سميت ختم ٿي ويا.

پيغمبرن ۽ درويشن جي تعليم ۽ نالا صدين گذرڻ بعد بہ زنده آهن.

## رواداري

جنهن کي اڄ ڪلهہ انگريزيءَ ۾ (Live and let live) ”پاڻ بہ ۽ ٻين جو وجود بہ برداشت ڪر“ سڏجي ٿو. اسان جي ماڻهن کي ولر ڪيو وتن، (Gregarious animal) سمجهي ان مطابق هلڻ جي تلقين ڪئي آهي. شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ:

ولر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهو ٿان ميٺ گھٽو!

اِها صفت حليمائي اختيار ڪرڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿي. اڄ ڪلهہ ڪي حڪمران طبقي جا فيلسوف ۽ اڳواڻ فسطائي نظرين هيٺ باز- شير بڻجڻ، شمشير سنان ڪٽڻ جي تلقين ڪري، ماڻهن کي حيواني صفتن اختيار ڪرڻ جي تعليم ڏيڻ گهرن ٿا. ڇاڪاڻ تہ سندن قومي، سندن طبقاتي مفاد جي اها تقاضا آهي. اسان وٽ انهن لاءِ صرف هي جواب آهي تہ:

متو آهين مڇ، ٿلهو ٿو ٿونا هڻين،
تو جا پائين اڇ، تنهن پاڻيءَ پڳئي ڏينهڙا!

اسان جي اکين اڳيان، اهڙي تعليم وارن، هٽلر، مسولني، توجي وغيره جي ختم ٿيڻ جا مثال گهذري ويا آهن. غير برداشت ڪرڻ وارن جو حشر بہ اهڙو ٿيڻو آهي. اسان کي شاهہ سائين، فرمائي ويو آهي:

صبر جنين سِيرُ، تير نہ ڳُسي تن جو!

## لاڪوفيت (غير جانبداري)

غير جانبداري لفظ جي معنيٰ سمجهڻ ۾ پوري خبرداري اختيار ڪرڻي آهي. اسان هيٺين حالتن ۾ غير جانبدار رهڻ جا طرفدار نه آهيون.

هڪ طرف حق جو طرف هجي، ٻي طرف ناحق جو،
هڪ طرف اهنسا ۽ انصاف هجي، ٻي طرف ڏاڍ ۽ ظلم هجي،
هڪ طرف هدايت هجي، ٻي طرف گمراهي،
هڪ طرف آزادي هجي، ٻي طرف غلامي،
هڪ طرف محبت هجي، ٻي طرف نفرت.

اهڙي حالت ۾ اسان کي علي الاعلان ٻهرين گروهه جي طرفداري وٺي ۽ حق ۽ انصاف جو پلؤ ڀاري ڪرڻو آهي. پر اسان کي غير جانبداري صرف هيٺين حالتن ۾ اختيار ڪرڻي آهي.

(الف) جڏهن ٻه طاقتون سندن سامراجي ۽ طبقاتي اقتدار جي حصول لاءِ لڙنديون ڏسون.

(ب) جڏهين مختلف مذهبن جا علمبردار، مذهبن جي بنيادي وحدت ۽ دين فطرت جي قانونن کان اڻ واقفيت ڪري، سندن صداقت جي دعوا ڪري، انسان ذات ۾ نفاق پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بڻجن.

(ت) جڏهين سندن نظرين جي صداقت ۽ ٻين جي راين جي غلطي تي اصرار ڪندي، جنگ ۽ جدال ۽ بدامنيءَ جو باعث بڻجن.

(ث) جڏهين ڪي فردَ، قوتون ۽ قومون يا گروهه، سندن سائنسي ترقي، پيسي جي فراواني، تعداد جي گهٽائي، موتمار هٿيارن جي آڌار تي پنهنجي پيل، غريب، تعداد ۾ ٿورن ۽ بي هٿيار فردن، قومن يا گروهه جي حَقن کي ماري، سامراجيت قائم رکڻ لاءِ گروهه ٺاهي ڪم ڪن.

ته اهڙي حالت ۾ اسان کي ڪنهن لالچ يا دٻ کان مٿي ٿي، اهڙي گروهه بنديءَ کان پاسي رهڻو آهي. اسان جي درويشن به اُن لاءِ تعليم ڏني آهي.
شاهه سائين فرمائي ٿو:

صوفي لا ڪوفي، ڪونه پائينس ڪير،
منجهان ئي منجهه وڙهي، پڌر نه آهس پير،
جنين ساڻس وير، هي تنين جو واهرو!

## حق خود ارادي

دنيا ۾ اڄ ڪلهه هر قوم جو حق خود ارادي، اصولي طرح قبول ڪيل آهي- اقوام متحده طرفان گهڻيون ئي ڪوششون ٿي رهيون آهن، پر اڃا طاقتور مُلڪ، قومون ڪيترن مُلڪن تي ناجائز قبضو رکيو ويٺيون آهن، جهڙوڪ: پورچوگال، سائوٿ آفريڪا، اسرائيل مکيه ملڪ آهن، ليڪن ڪيترا ٻيا ملڪ سندن ايراضيءَ اندر اقليت وارين قومن کي خود ارادي جي حق ڏيڻ کان نٽائين ٿا. پارٽ

جمهوريت جو نالو وٺي به ڪشميرين جي حق خود ارادي ڪان انڪار ڪريو ويٺو آهي. پاڪستان حڪومت ڪشميرين جي حق خود ارادي وٺي ڏيڻ لاءِ هر ڪا ڪوشش ڪري رهي آهي، ليڪن سنڌ، بلوچستان ۽ پختون ڳالهائيندڙ ايراضيءَ جي قومن ڪي زوريءَ وڏي صوبي جي ماتحت غلام رکيو ويٺي آهي. عراقي ڪُردن ڪي آٽونامي ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن. روڊيشيا جي سفيد اقليت سياهه فام اڪثريت ڪي حق ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي، وغيره مثال اکين اڳيان آهن.

قومن جي خود ارادي ڪي هڪ طرف ڇڏي، انسانن جي بنيادي حَقن جي آزاديءَ جو اُصول، باوجود بين الاقوامي طور اقوام متحده جي چارٽر ۾ داخل هئڻ جي، اڪثر ملڪن ۾ بنيادي حَقن جي آزادي ڪانه آهي. سياسي معاملن ڪي ڇڏي ڪلچرل ۽ ادبي ڳالهين، تقرير، تحرير ۽ جماعت سازيءَ تي ڪيترن ملڪن ۾ بندش آهي. هِن ملڪ ۾ هر آزاد راءِ جي اسلام جي مُلا واري تعبير جي نالي ۾ نڪته چيني ڪئي وڃي ٿي. سنڌي ڪلچر ان جي خلاف آهي. دنيا هن وقت هيٺين چئن مشڪلاتن ۾ ڦاٿي پيئي آهي.

(*1*) باهمي شڪ ۽ شبها.
(*2*) خوف ۽ خطرا.
(*3*) نفرت ۽ نفاق.
(*4*) غربت ۽ افلاس.

## (*1*) شڪ ۽ شبها.

ان مرض ۾ نه صرف افراد ڦاٿل آهن، پر قومون به انهيءَ آزار ڪان آزاد نه ٿي سگهيون آهن. هر ڪنهن ڪي ٻين جي نيتن ۾ شڪ پوي ٿو. ان جو مکيه ڪارڻ، خود مطلبي ۽ خود فريبي آهي، هرڪو انسان ذات جي مجموعي مفاد ڪي قطع نظر ڪري، پنهنجي شخصي يا قومي مفاد لاءِ ڪوشان آهي. ان ڪان سواءِ اڪثر ماڻهن ۽ قومن جي دماغي ڪيفيت اها آهي ته هر ڪو پاڻ ڪي حق تي ڄاڻي، ٻي ڪي ناحق تي ڄاڻي ٿو. اهي ماڻهو تصوير جو صرف هڪ رخ ڏسن ٿا. هڪڙا دهريت ۾ منجهيا پيا آهن ته ٻين مذهبن جي نالي ۾ هر ڳالهه ڪي اکيون پوري ڪٽي ٻَڪ وڌا آهن ۽ دوئي جا دنيا ۾ رهڻ ڪري مذهبي، نظرياتي، قومي، نسلي، رنگن جي اختلافن ۽ خود مطلبي جي چار مان پاڻ ڇڏائي آجا ٿي نه سگهيا آهن.

”مٺي هاٿيءَ سين مامرو، اڇي پيو انڌن“

جو حال وڃي رهيو آهي. سنڌي ڪلچر ان ڳالهه جا ٻئي رخ مسئله وحدت الوجود ۾ ايمان رکڻ سان ڏٺا آهن. شاهه سائينءَ چيو آهي:

سو هي، سو اجل، سو اللهؐ،
سو پرين، سو پساهه، سو ويري، سو واهرو!

هڪ قصر، در لک، ڪوڙين منجهس ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، اوڏانهن سڄڻ سامهون.

اڄ ڪلهه پروفيسر انيسٽين جي فلسفه ريليٽوٽي ۾ هڪ حد تائين انجي جديد سمجهاڻي ملي ٿي. موجوده دور جو بقائي باهمي (Co Existence) وارو اصول به ان مان نڪري ٿو. جنهن ڪري سنڌي ڪلچر رواداريءَ جي تعليم ڏئي ٿو. انهي ڪري سيني مذهبن جي بنيادي وحدت ۾ اعتبار ڪندي، سڀني مقصدن يعني اتحاد، امن ۽ ترقي انساني جي حاصل ڪرڻ لاءِ جدا جدا طريقا روا سمجهي ٿو.

”واٽون ويهه ٿيون، ڪوه ڄاڻان ڪهڙي ويا.“

سنڌي ڪلچر نه رڳو سيني مذهبن جي وچ ۾ رواداريءَ جو قائل آهي، پر دهريت ۽ مذهبن جي وچ ۾ به رواداري ضروري سمجهي ٿو. دهريت جو نظريو هزارن ورهين کان دنيا ۾ مختلف صورتن ۾ موجود رهيو آهي. اهو به فطري پيداوار آهي، انجي وجود کان انڪار ڪرڻ حقائق دهرڪان انڪار جي برابر ٿيندو.

افسوس جو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ حڪمران طبقو ”لڪم دين کم ولي اليدين“ جي اصول کي نظر انداز ڪري، مذهب جي آڙ ۾ غير برداشت ۽ نفرت جو رويو اختيار ڪيو آهي. هن وقت سنڌ جي پيغام رواداري ۽ حڪمران طبقي جي جارحانه ۽ نفرت آميز نظرين جي وچ ۾ ٽڪراءُ عارضي طرح حال ۾ سنڌين کي ناڪامي جو مُنهن ڏسڻو پيو آهي، پر آخري طرح سنڌن ڪلچر جو پيغام نه صرف پاڪستان جي رهاڪن جي صحيح رهبري ڪري سگهندو. ليڪن دنيا جي موجوده شڪن ۽ شبهن گهٽائڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو.

## (2) خوف ۽ خطرا.

جيڪڏهن چٽائي ڏسبو ته حقيقت ۾ خوف ۽ خطرا شڪن ۽ شبهن مان پيدا ٿين ٿا. جڏهين ڪي فردَ قومون يا گروهه انسان ذات جي بنيادي وحدت کي وساري، جزوي اختلافن يا مفاد کي مجموعي مفاد تي ترجيح ڏيڻ لڳن ٿا، ته شڪ پيدا ٿي، خوف جو ڪارڻ بڻجن ٿا. اڄ ڪلهه چوطرف خوف جي هوا پکڙيل آهي. جيتري قدر مون غور ڪيو آهي، خوف جي پيدا ٿيڻ جا هيٺيان ڪارڻ ٿين ٿا.

(*1*) خود مطلبي ڪري هڪ ٻئي جي نيتن ۾ شڪ آڻڻ.
(*2*) باهمي رابطي ۽ تعلقات جي گهٽتائي.
(*3*) احساس ڪمتري يا برتري.
(*4*) قومي، مذهبي، اقتصادي ۽ نسلي تعصبن جو وجود.

پاڪستان ۾ حڪمران طبقو مستقل مفاد پيدا ڪري ويو آهي، سو به انهي مرض ۾ گرفتار ٿي چڪو آهي. جنهن ڪري ڪيس پاڪستان ۾ اندر ۽ ٻاهر چوطرف دشمن ئي دشمن نظر اچي رهيا آهن، جن کان محفوظ رهڻ لاءِ هن کي هيٺين تدبيرن اختيار ڪرڻ جي ضرورت پيئي آهي.

1. جمهوريت کي ختم ڪري ڪنٽرولڊ (ضابطي يا رهبري هيٺ واري جمهوريت) ڊيموڪريسي کي مروج ڪيو آهي.
2. انساني بنيادي حقن تي ضابطو رکيو ويو آهي.
3. ڪارا قانون پاس ڪري، ماڻهن جي آزاديءَ کي گهٽايو ويو آهي.
4. بچاءَ تي خرچ کي وڌايو ويو آهي.

اها حالت دنيا جي اڪثر ملڪن جي آهي. آمريڪا ۽ سندس ساٿين کي ڪميونسٽ ملڪن مان خطرو محسوس ٿئي ٿو. ڪميونسٽن کي سرمائيدار ۽ سامراج تي ڀروسو نه آهي. ڀارت کي پاڪستان مان خطرو محسوس ٿئي ٿو. پاڪستان کي هندوستان جي نيت صاف نه ڏسي، خوف رهي ٿو.

مطلب ته چؤطرف اونده انڌوڪار پيو ڏسڻ ۾ اچي، ان وقت سنڌي ڪلچر مان ڪجهه روشنيءَ جو ترورو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

اس چشم موري ني، ايسا اسرار ديکها تها،
که ليچ ابردي آفتاب کا انوار ديکها تها
(سچل)

خوف کي ٽارڻ لاءِ هِن ڪلچر جا ڏسيل مکيه علاج هيٺيان آهن.

1. اهنسا جي اصول ۾ ويساهه رکي، پيدا ٿيل شڪن ۽ خوفن کي گڏيل گفتگو ۽ ڏي وٺ جي بنياد تي ٽاري سگهجي ٿو. اقوام متحده به اِهو اصول قبول ڪيو آهي.
2. مذهبي، سياسي ۽ اقتصادي اختلافن جي باوجود به هڪ ٻئي سان روادارانه طور رهي سگهجي ٿو. ليڪن ان لاءِ بنيادي ڳالهه خود مطلبي کان مٿي چڙهي پراپڪاري جو مادو ڏارڻ ضروري آهي.

## (3) نفرت ۽ نفاق

آئون مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته جڏهن ماڻهو بنيادي وحدت کي وساري مايا واري چار ۾ ڦاسي پون ٿا، ته باهمي شڪن جو شڪار ٿيو، هڪ ٻين کان خوف ۽ خطرا محسوس ڪرڻ لڳن ٿا. ان ڪري ڪين مخالف لاءِ نفرت پيدا ٿي، نفاق جو ڪارڻ بڻجي ٿي. هن وقت اهو مرض به عام ٿي ويو آهي. سرمائيدار ۽ سامراجي مُلڪ نه صرف ڪميونسٽ ماڻهن کي نفرت جي نگاهه سان ڏسن ٿا، ليڪن ان نعري جي آڙ ۾ سندن ملڪ جي هر مخالف راءِ کي ڪميونسٽ، غدار قوم، وغيره نالا ڏيئي دٻائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

ٻي طرف ڪميونسٽ نہ صرف سرمائيدار ملڪن جي پاليسيءَ ڪي حقارت سان ڏسن ٿا، بلڪ سنڌن خاص راءِ سان اختلاف رکندڙ ڪميونسٽن ڪي سامراجين ۽ سرمائيدارن جا ايجنٽ، رويزنسٽ (بدعتي) مارڪسٽ (دقيانوسي) وغيره خطاب ڏئي تنگ ڪن ٿا. طبقي وار جنگ ۽ نفرت ڪي ڪِن ڪميونسٽ ملڪن سنڌن بنيادي اصولن ۾ داخل ڪيو آهي، روس وارن باهمي گفتگو، سمجوتي ۽ ڪواگزسٽنس (رواداري) جو آواز اٿاريو تہ چين طرفان انهن تي لعنت ملامت شروع ٿي ويئي. پاڪستان بہ انهي مسموم هوائن کان بچي نہ سگهيو آهي. انجو بنياد اسلام جي غلط تعبير تي نفرت جي آڌار تي رکيو وجي ٿو.

اول ۾ هندن جي نفرت سنڌن اسلح جو مکيہ اوزار هو، مسلم ليگي، غير ليگي، کي ملڪ دشمن سمجهي، بدنام ڪرڻ شروع ڪيو. آهستي ٿي هر مخالف راءِ رکندڙ کي ڪميونسٽ، دشمن جو ايجنٽ، صوبائي عصبيت، انتشار پسند، دهريو وغيره لقب ڏيئي، تنگ ڪرڻ شروع ڪيو ويو آهي.

حالتون ايتري قدر وڃي بيٺيون آهن، جو ڪي پاڻ کي پاڪستان جي حفاظت ۽ ڀلائيءَ جو ٺيڪيدار سڏائي، مخالفن کي پاڪستان جو دشمن سڏي رهيا آهن. مخالف راءِ جي ميٽنگن، تقريرن ۽ تحريرن تي پابندي وڌي وڃي ٿي.

اڄ ڪلهہ چند ماڻهن جو اهو پيشو ٿي پيو آهي تہ جيڪڏهن ڪوبہ ماڻهو بينگالي، پختون، سنڌي، بلوچي ۽ پنجابي حَقن جي حفاظت جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ اُن کي انتشار پسند، صوبائي تعصب رکندڙ، اسلام دشمني ۽ پاڪستان جي مخالفت جي ڏوهن سان منسوب ڪري، ان کي سزا ڏني وڃي ٿي.

هيءَ ڳالهہ خوشيءَ جو سبب آهي تہ سنڌ جو باخبر گروهہ هاڻ مذهب جي غلط تشريح جي نالي ۾ ڏوڪي کائڻ کان آزاد ٿيندو وڃي. هڪ سنڌي نوجوان مسلمان، گفتگو ڪندي، مون کي چيو تہ هو هاڻ اُن راءِ تي پهتو هو تہ انهي فاشسٽ خيال مذهب جي ٺيڪيدارن جي خدا، رسول ۽ اسلام کي نٿو مڃي ۽ هنن کان سنڌن ڪرتوتن ڪري، اهڙو بيزار ٿي چڪو هو جو ساڳي جاءِ تي گڏجي رهڻ لاءِ تيار نہ هو، پوءِ اها جاءِ کڻي بهشت چونہ هجي. اهڙي سخت ڳالهہ ٻڌڻ بعد، جڏهن ان جا سبب پڇيامانس تہ هيٺيان جواب ڏنائين تہ:

***1*** - سنڌس خدا جو تصور رب العالمين هو ۽ مذهب جي دعويدارن جو خدا لاءِ تصور سنڌن گروهہ وارن مسلمانن جو خدا هو. اهڙي خدا کي مڃڻ لاءِ هو ڪهڙي طرح تيار ٿي سگهي ٿو.

***2*** - هن جي تصور وارو رسول رحمت العالمين هو ۽ انهي طبقي جي ماڻهن جو تصور، رسول فسطائي خيال رکندڙ مسلمانن جي مخصوص گروهہ جو ليڊر هو.

***3*** - هن جي نقطہ نگاهہ وارو اسلام اتحاد، امن ۽ ترقي انساني وارو مذهب هو، هن طبقي جو اسلامي تصور ملڪ ۾ نفرت ۽ نفاق پکيڙي، سنڌس مستقل مفاد خاطر ننڍن صوبن ۽ قوميتن جا حق غضب ڪرڻ وارو هو.

منهنجي نظر ۾ اهڙا انتها پسنديءَ جا رايا پيدا ٿيڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون ڪارڻ بڻجن ٿيون.

(***1***) مذهب جي غلط تعبير.

(***2***) ڪن ماڻهن جو سنڌن نظرين ۽ گروهن جي مڪمل ۽ برتر هئڻ جو اعتماد.

(***3***) حڪومت ۾ دست رسي ۽ آباديءَ جي ڪثرت جو گهمنڊ.

(***4***) پيسي، تعليم، نوڪرين ۽ ڪارخانن تي تسلط جو ڪارڻ. دنيا ۾ بہ طاقتون هڪ ئي وقت اثر انداز آهن. هڪ محبت جي ٻي نفرت جي.

**محبت** کي ڪشش (Integration) ملڪوتي قوت، قانون ارتقا(Law of Integration) جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

**نفرت** کي (Power of Disintegration) نفاقي طاقت، شيطاني قوت (Satanic Power) سڏجي ٿو.

حضرت عيسيٰ عليه السلام ٻه هزار ورهيه اڳ دنيا کي محبت جو پيغام ڏنو. اڪثر مذهبي ملڪن جا رهاڪو ان جا پوئلڳ هئڻ جي باوجود نفاق جي ڪري گذريل ٻن مهاڀاري لڙاين جا ڪارڻ بڻيا.

هندو مذهب جي مکيه اصولن ۾ هر ساهه واري شيءِ کي مارڻ يا ڏکوئڻ پاپ آهي. پر انهي اهنسائي ڌرم جا رکپال اڄ ڪلهه **جن سنگهي ۽ مهاسڀائي** بڻجي پيا آهن، جن وٽ جانورن جي رکشا نيڪ آهي پر آزاد خيال هندو يا غير هندو کي قتل ڪرڻ به ثواب آهي. ايتري قدر جو مهاتما گانڌي کي قتل ڪرڻ کان نه رهيا.

اسلام دنيا ۾ اتحاد ۽ اَمن جو پيغام کڻي آيو جنهن جو پيغمابر رحمت العالمين هو، جنهن کي جڏهين طائف ۾ اسلام جي تبليغ ڪندي، پٿر هڻي رت ڪڍيو ويو هو ۽ جڏهين سندس ساٿين انهن بي ادبن لاءِ بد دعا گهرڻ جي تقاضا ڪئي ته پاڻ فرمايائون ته اسان دنيا ۾ دعا ڪرڻ لاءِ آيا آهيون نه پِٽڻ لاءِ. منهنجو درگاهه الاهيءَ ۾ وري به عرض ٿيندو ته هنن کي راهه هدايت نصيب ٿئي. اڄ ڪلهه انهيءَ مذهب جا ڪيترا پوئلڳ نفرت پکيڙڻ، تشدد جون ڪاروايون ڪرڻ، برتري ۽ بزرگي جي بنياد تي پاڻ کي بهتر ڄاڻڻ، هر ان ماڻهوءَ کي جو سندن مستقل مفاد جي خلاف هجي نقصان پهچائڻ کي ثواب ٿا سمجهن.

اهڙي حالتن ۾ آئون اُن راءِ جو آهيان ته سنڌي ڪلچر واري مذهبي تشريح بنسبت مستقل مفاد جي وڌيڪ صلاحيت واري آهي. اها باوجود موجوده مشڪلاتن جي نيٺ علامگير ڪلچر جو جزو بڻجي برقرار رهندي ۽ مستقل مفاد جو ڪلچر باوجود ظاهري ۽ عارضي ڪاميابيءَ جي تاريخ جي فيصلي موجب ختم ٿي ويندو.

هزارين آيا هت، سڪندر ۽ دارا،
ڪري ويا ڪجهه گهڙيءَ لاءِ پنهنجي راڙا،
مري ويا سنڌ جا جيڪي ٿيا مارا،
آ زنده سنڌ ۾ سنڌڙيءَ جا پيارا،
چٽل آهي مرڻ کان سنڌ پياري،
ٿيون قربان توتان سنڌ پياري.
(حيدر)

# سماجي زندگيءَ جا طريقا

(الف) کاڌو- لباس ۽ گهر (تمدن)
(ب) باهمي تعلقات ۽ رهڻي ڪرڻي جا طريقا.
(ث) سماجي دستور ۽ قاعدا.

انهن مان هر هڪ تي سنڌي ڪلچر جي خصوصيت بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

## کاڌو- لباس ۽ گهر (تمدن)

سڀ کان اول هيءَ ڳالهه سمجهي ڇڏڻ ضروري آهي ته جهڙي طرح دنيا جي هر شيءِ ترقي پذير ۽ تحرڪ ۾ آهي، اهڙي طرح هر مُلڪ ۽ قوم جو ڪلچر به منجمد نه پر سدائين رو به ترقي رهي ٿو.

سنڌ گهڻي وقت کان هر صديءَ ۾ ڌرتي ڌُرڻ، سنڌونديءَ جي ڦيرين گهيرن، ٻوڏن ۽ سوڪن جي واقعن، آبپاشيءَ جي ذريعن جي پوري انتظام نه هئڻ، بارش گهٽ پوڻ، اندروني ۽ بيروني حملہ آورن ڪري دنياوي ترقي ڪري نه سگهي هئي، شهري زندگي منجهس ڇڏي هئي، ماڻهن جي گهڻي تعداد مال يا زراعت تي گذارو پئي ڪيو. ان مقابلي ۾ دهلي، گجرات ۽ پنجاب جون حالتون مختلف هيون. بارش گهڻي، آبادي جام، خانہ بدوش زندگي گهٽ هئڻ ڪري، شهري زندگي گهڻي هئي. ان ڪري اتي جا رهاڪو آسودگيءَ ۾ سنڌين کان وڌيڪ هئا. جنهن ڪري هر ٻاهران آيل ماڻهو مشهور مثال وانگر ”ولايت جي ڪُپر سنڌ ۾ مينا“ شمار ٿيڻ لڳو. سنڌ جي مٿئين طبقي جي اڪثر ماڻهن ڀاڻ وساري، ابن الوقتيءَ جي پاليسي اختيار ڪئي ٿي، ان ڳالهه کي شاهه لطيف محسوس ڪندي ۽ سنڌ جي اڪثريت کي خانہ بدوش، بدويانہ زندگي گذاريندڙ دنياوي ساز ۽ سامان کان بي بهره برن، جهنگن پٽن ۾ گذاريندڙ سمنڊ ۽ ڍندن جي ڪنارن تي رهندڙ ٻهون ۽ مينهون چاريندڙ ڪتا ۽ لوٻون ڀهريندڙ ڏٿ ۽ پيرون تي گذارو ڪندڙ جهوپڙين ۾ رهندڙ ڏسي، صحيح جائزو وٺڻ بعد، ان زندگيءَ کان حقارت ڪرڻ جي عيوض فخر ڪرڻ جو سبق ڏنو.

ان لاءِ چوي ٿو ته:

آٽين ۽ چاڙهين، ڏٿ ڏهاڙي سومرا،
سَتا ڪَيو، سيد چوي، سائون سُڪائين،
منجهان لُنب لطيف چئي، چاڙُ ڪيو چاڙهين؛
پُلاءُ نہ پاڙين، عُمرا! آراڙيءَ سين.

لباس لاءِ چوي ٿو ته:

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي سين ليڙن.

وري چوي ٿو:

اسين تنّان آئيون، جت کهنبو ناهه،
جي وڃون ڪنهن وهاڻ، ته پڻ مٿن لوئيون.

گهرن لاءِ چوي ٿو:

جت پنگا، پٽون، پيٽون، تت کوتون ٿيون کنون،
پائر سڀ پسايو، وسي وڃڙين.

هن وقت حالتون ڪجهه بدلجي چڪيون آهن، بدوياڻ دور ختم ٿي زراعتي دور شروع ٿي چڪو آهي. ليڪن عوام جي حالت خاطر خواهه نموني ڪانه سڌري آهي. خاص ڪري عام ڪري پنهنجي حالت آهر ڪاڌي، لباس ۽ جاءِ رهائش، ڳوٺن ۾ تبديلي آڻڻ ضروري آهي. خانه بدوشي يا ڇڙو ڇڙ گهرن ڪي ڇڏي، ڳوٺاڻي زندگي اختيار ڪرڻي آهي، جتي تعليم، سلامتي، صحت، صفائي ۽ پاڻي وغيره جو انتظام ٿي سگهي. هرو پرو بين جا محل ڏسي، پنهنجا پونگا نه ڊاهڻا آهن. پر زماني جي ترقيءَ جي رفتار سان اسان کي پنهنجا طور طريقا بدلائڻا آهن. سادگي، صفائي، سٺائي ۽ سهڻائي مٿي ذڪر ڪيل ٿنهي، تمدن جي ڳالهين ۾ اسان جو مطمع نگاهه هجي.

## باهمي تعلقات ۽ رهڻي ڪرڻيءَ جا طريقا

ان جا مکيه جزا هيٺيان شمار ڪيا وڃن ٿا.

***1***- شادي غمي جا رسم رواج.

***2***- قبيلائي ۽ مذهبي ڌرڻ وار.

***3***- هڪ ٻئي سان گڏجڻ، ڪيڪار ۽ مجلس جا دستور.

***4***- ميلا ۽ انهن موقعن تي ماڻهن جي تفريح لاءِ وندرون.

اُن ۾ هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪرڻي آهي ته جنهن صورت ۾ اسان سنڌ جي جملي رهاڪن کي بنا تفريق مذهب، نسل ۽ اصل رهائش جي هڪ قوم ڪري مڃڻ جا قائل آهيون. ان ڪري هتي جي جملي رهاڪن، پوءِ اُهي ڪٿي بلوچ، پٺاڻ، بنجابي، مهاجر، هندو وغيره چونه هجن، کي هڪ بدن جا عضوا ڪري تسليم ڪرڻو اٿئون. آخر ۾ سيني جا لباس، کاڌو ۽ گهرن جي جوڙجڪ، رهڻ جا طور طريقا، زبان ۽ رسم رواج هڪ ٻڄڻا آهن. اوهان کي معلوم هوندو، سنڌ ۾ ڪيئي نسلن، زبانن، ڏند ڪٿائن، رسم رواجن ۽ مذهبن جا ماڻهو رهندڙ آهن، پر هزار ورهين جي گذرڻ بعد هو گهڻي قدر هڪ ٻئي کي اهڙو ويجهو پئجي ويا، جنهن جو مثال برصغير ۾ مشڪل ملي سگهندو.

مون کي معلوم آهي ته سنڌ ۾ تازو لکها ماڻهو جدا زبان، ڪلچر، طور طريقن ۽ رسم رواج جا آيل آهن، جن مان گهڻا ان طرفن کان آيل آهن، جن مرڪزي حڪومت جي نزديڪي، آسودگي وغيره سببن ڪري، بودباش جي طريقن، علم، پيسي ۽ ڪن ٻين ڳالهين ۾ اسان جي ماڻهن کان وڌيڪ ترقي يافته آهن. موجوده حڪومت انهن کي وڌيڪ دست رسي آهي، ليڪن نظرياتي نقطي نگاهه ۾ اسان کان گهٽ آهن. هو ڪهڙي به ڪوشش، اسان کي پاڻ ۾ ضم ڪرڻ جي ڪن پر ڪامياب نه ٿيندا، اسان کي حالتن جو اندازو ڪري انهن سان تصادم ۾ نه اچڻ گهرجي. تاليف قلوب، حسن اخلاق، محبت جي ذريعن سان اسان ٿوري وقت کان پوءِ هڪ ٿي سگهون ٿا. سندن اردو زبان اسان کي ڪائي نه وڻندي، نه اسان اُن کي ختم ڪرڻ گهرون ٿا. جهڙي طرح بلوچي، سرائڪي، مارواڙي اچا تائين ڪيترا سنڌي گهرن ۾ ڳالهائين ٿا، اهڙي طرح آهستي آهستي اهي به سنڌي سِکي ويندا. گهرن ۾ سندن زبان صدين تائين قائم رهي ته ڪهڙو اعتراض آهي.

وطن زبان جي پاڙ آهي. اها زبان وطن کان پَڄجي چڪي آهي. سرياني، سنسڪرت، لٽن زبانن جا مثال اسان وٽ موجود آهن. باوجود عالمن جي مدد ۽ حڪومتن جي سرپرستيءَ جي اهي گهڻي وقت تائين قائم رهي نه سگهيون. ان ڪري باوجود ٻاهران آيل ماڻهن جي نفرت، احساس

برتري، حاڪمانه ذهنيت جي اسان ڪي ميزبان جو رول ادا ڪري، انهن ڪي پاڻ ۾ سمائي هڪ ڪرڻو آهي، ان لاءِ ڏي وٺ لازمي ڳالهيون آهن. بنيادي ۽ اصولي ڳالهين ڪي ڇڏي، فروعي ڳالهين ۾ گهٽو ڪجهه ميلاپ ٿي سگهي ٿو.

## شاديءَ ۽ غمي جا رسم رواج:

مٿي مائٽيءَ ۾ تعلقات وڌائڻ ڪان عار نه هئڻ گهرجي؛ اهڙن موقعن تي اچ وڄ جاري رکڻ گهرجي، اسان ڪي محبت سان سندن فخر ۽ نخوت ڪي ٽوڙڻ گهرجي.

مذهبي ڏڻ وارن ۽ مجلسن ۾ به هڪ ٻئي سان شريڪ ٿجي، سواءِ ڪٽر مذهبي ذهنيت وارن ماڻهن جي، انهن ۾ ڪيترا اهڙا به آهن، جن جي تعليم ساڳي چشمه فيض مان ورتل آهي.

خواجه معين الدين اجميري رحه، خواجه قطب الدين ڪاڪي رحه، خواجه نظام الدين رحه، حضرت سرمد شهيد، بلا شاهه، شاهه باهو، خواجه غلام فريد، حضرت غوث بهاول الحق سڀ وحدت الوجود جا حامي هئا. انهن ڪي سنڌ جي بزرگن جي درگاهن جي ميلن تي دعوت ڏئي گهرائڻ گهرجي ۽ انهن جي صوفيانه مجلس ۾ شريڪ ٿجي.

هنن مان جيڪڏهن ڪن جو رويو نفرت آميز ۽ متحڪمانه آهي ته پرواهه نه آهي. پنهنجي خوداري قائم رکي اسان

"هو چون، تون مَ چئو، واتان ورائي"

جي اصول تي هلندي، وري گڏيل ڪلچر ۽ قوم بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا.

## سماجي دستور ۽ قاعدا

اهي حالتن، وقتي تقاضا، معاشري جي ضرورتن پٽاندڙ ٺهن ٿا، اهي اسان ڪي پنهنجي چونڊيل نمائندن ذريعي ٺهرائڻا پوندا، هر هڪ ڳالهه صاف ذهن ۾ وهارڻ گهرجي ته جتي به ۽ جو به ماڻهو انهن ڳالهين ۾ مذهب ڪي ٿيائي آڻي ته اُن ڪان پاسو ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اهو صرف ڏوڪو آهي. دنيا جي موجوده عالمگير مذهبن جا دستور ۽ قاعدا اڄ ڪلهه جي معاشري ۾ سندن اهميت ۽ ضرورت وڃائي ويٺا آهن، تنهن ڪري جيڪو اها ڳالهه ڪري ان سان رابطو نه رکڻ گهرجي.

# قومي ڪردار

اها حقيقت آهي ته سنڌ جا رهاڪو گذريل هزارن ورهين جي تجربي ۽ روايتن سبب قومي ڪردار قائم ڪري چڪا آهن، جنهن ڪي هو قيمتي ورثو سمجهن ٿا، ان تي قائم رهڻ ڪي هو زندگيءَ جو مکيه فرض ڪري سمجهن ٿا. اها ڳالهه به ظاهر آهي ته جيئن اڪثريت ماڻهن جي علم ڪان بي بهره، بزدل، خود مطلب، ابن الوقت ۽ قوم فروش ٿين ٿا، تنهن ڪري سموري قوم جي ڪردار ڪي انهن جي معيار تي شمار ڪرڻ غلطي ٿيندي. شير ۽ باز ٿورا ٿيندا آهن ۽ انهن جو درجو ۽ ڏاڪو لومڙين ۽ ڪانگن تي هميشه قائم رهندو اچي.

جيتري قدر مون غور ڪري ڏٺو آهي، سنڌي ڪلچر جا مکيہ ڪردار هيٺيان آهن.

1. حب الوطني
2. پراپڪاري ۽ ايثار
3. اهنسا
4. رواداري يا بي تعصبي
5. روايات جي حمايت ۽ غيرت
6. آزاديءَ جي تمنا
7. ڏاڍ جو مقابلو

اُهي شيون ڪهڙي طرح سنڌي ڪرادر جو جزو بڻيل آهن، تنهن جو مثالن سان ذڪر ڪندس.

## حب الوطني ۽ قوم پرستي.

حب الوطني سنڌي ڪردار جو مکيہ جزو آهي، جنهن جي ڪري ئي شاهہ عبداللطيف ۽ ٻين سنڌي شاعرن مارئيءَ جي بيان ۾ اُن جو نهايت عمدہ پيرائي ۾ ذڪر ڪيو آهي. سنڌ جا هندو جي ولايتن ۾ وڃي، پيسا ڪمائيندا هئا، سي سنڌ ۾ آڻي، ان جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ ڪتب آڻيندا هئا. هن وقت بہ ڪيترا هندو جي لڏي ٻين ملڪن ۾ وڃي ويٺا آهن، سي وطن جي سِڪ ۾ روئي رهيا آهن. دودي سومري جو سنڌ جي آزادي، ناموس ۽ روايات لاءِ ڪٽنبن سميت قربان ٿي وڃڻ، دولهہ دريا خان جي پُٽن سوڍي شهادت، شاهہ بلاول جو گهاڻي ۾ پيڙجڻ، وغيرہ ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون تہ حُب الوطنيءَ ۽ قوم پرستيءَ جو جذبو گهڻي وقت کان سنڌين جي ڪردار ۾ سمائجي ويو آهي. ڪجهہ وقت اڳي بمبئي صوبي کان جدائيءَ جي تحريڪ لاءِ ڪوششون بہ انهيءَ ڳالهہ کي تقويت پهچائين ٿيون.

هن وقت جيڪڏهن ڪثرت تعداد عام خاص طبقي جي ماڻهن ۾ قومي شعور جي گهٽتائي آهي تہ اُن لاءِ جواب داري نوجوان گروهہ تي آهي تہ هو ٻين نظرياتي ڦندن کان آجو ٿي، عام ۽ خاص ۾ حب الوطني ۽ قوم پرستيءَ جو جذبو پيدا ڪري نہ سگهيا آهن. ڪي شاعر ۽ اديب ان ڏس ۾ چڱو ڪم ڪري رهيا آهن.

هيءَ ڳالهہ صاف ذهن نشين ڪرڻ گهرجي، تہ مذهبي تعصب ۽ حب الوطني يا قوم پرستي ٻئي هڪ ٻئي جا ضد آهن. ٻہ گدرا هڪ مُٺ ۾ نہ اچي سگهندا، نہ وري ٻہ تلوارون هڪ مياڻ ۾ ٿهي سگهنديون.

## پراپڪاري ۽ ايثار

سنڌي ڪردار جو قرباني ۽ ٻين جي نفعي جو خيال رکڻ بہ هڪ مکيہ گڻ آهي.

مومل جو راڻي لاءِ راتيون وهائي، ڏينهن ڪرڻ، ۽ آخر ۾ پاڻ قربان ڪرڻ، سهڻيءَ جو ميهار لاءِ اونداهين راتين ۾ درياءَ ۾ تري وڃڻ ۽ آخر انهيءَ راهہ ۾ ٻُڏي مرڻ، مارئيءَ جو مارن لاءِ عمرڪوٽ جي بنگلن، محلن، ست رڃين طعامن، پٽ پٽيهرن جي پرواهہ نہ ڪرڻ، سسئيءَ جو پنهونءَ لاءِ جهنگ جبل جهاڳڻ، انهيءَ صفت جا جزا آهن.

پاڻ ڪي مسڪين ٻڌائي ڇڏڻ، سامن لاءِ سِر ڏيڻ، سون تي سيڻ نه مَٽڻ، اُهي سڀ ڳالهيون ان جي ڳڌجي شهادت ڏين ٿيون.

ان حقيقت ڪان انڪار ڪري نٿو سگهجي، ته ملڪ ۾ خود مطلب، بخيل، قوم فروش يا بي همت به گهٽا آهن. بلڪ ڪٿي چئجي ته انهن جي ڪثرت آهي ته صحيح ٿيندو. پر شاعرن، اديبن جو قرباني جي صفت ڪي ساراهڻ ۽ تاريخ جا ڪيترا مثال ان ڳالھ جي دلالت ٿا ڪن ته اها صفت سنڌين ۾ عدم موجود نه آهي، صرف ان ڪي وڌائڻ جي ضرورت آهي. زمين زرخيز آهي، صرف آبياري جي ضرورت اٿس. اسان ڪي مٿاهين طبقي جي خود مطلبي، عوام جي غير اتفاقي ڪان مايوس ٿيڻ نه گهرجي. اُن ڏس ۾ صحيح تعليم، تربيت ۽ مثالن قائم ڪرڻ سان گهڻو ڪجھ ٿي سگهي ٿو.

## اهنسا- عدم تشدد

سنڌي عام طور ڪم آزار، جهيڙي ڪي حتي الامڪان ٽارڻ جا عادي پئي رهيا آهن، ايتريقدر جو سنڌن مخالفن اهو نتيجو پئي ڪڍيو آهي، ته هو بزدل ۽ بي همت آهن. پر بنيادي طرح سپني سنڌين لاءِ اهو گُمان ساڻن نا انصافي ٿيندي. اهو مدار رکي ٿو نقطي نگاھ تي، ته سنڌن اهڙي طبيعت ڪي شرافت ۽ امن پسندي چئجي يا بزدلي ۽ بي همتي.

ڪيترا ماڻهو واقعي بزدل ۽ بي همت به آهن؛ پر انهن جي آڌار تي ساري قوم ڪي بزدل سمجهڻ بي انصافي ٿيندي. تشدد جا حامي سنڌن جوانمردي عارضي ڪاميابين تي ڪٿي ڪيترو به فخر ڪن، پر ديرپا ۽ آخري ڪاميابي عدم تشدد ۾ لِڪل آهي. شاهه ائين فرمائي ٿو ته:

صبر جِنين سيرُ، تِير نه گُسي تن جو!

پر اسان جي عالمن، اديبن ۽ ڪارڪنن ڪي، اهنسا ۽ بزدليءَ جو تفاوت معلوم ڪرڻ ضروري آهي.

اهنسا اُن ڪي چئجي، جو سَرندي ٿري وڃجي، خواه مخواه جهيڙو نه ڪجي، اختلاف جو فيصلو باهمي سمجهوتي سان ڪرڻ ڪي ترجيح ڏجي، ناحق جو مقابلو اهنسائي طريقن سان ڪجي، ڏاڍي اڳيان سچ چوڻ جي جرئت رکجي.

بزدلي اُها ڳالھ آهي جو ڏاڍي ڪي ناحق تي ڏسي به اُن جي خوشامد ۽ تابعداري ڪجي، شخصي يا گروهي نفعي لاءِ مجموعي نفعي ڪي قربان ڪجي، سچ چوڻ ڪان ڇرڪجي، ملڪ، قوم جي ناموس آزادي ۽ ترقيءَ جي راھ ۾ رڪاوٽون ڏسي خوف ڪان مقابلي ڪرڻ ڪان پاسو ڪجي. اهنسا ڪمزوريءَ جو نشان نه آهي، بلڪ اعليٰ همت جو مظاهرو آهي. زندگيءَ ۾ آزادي، امن ۽ ترقي لاءِ جدوجهد لازمي آهي، پر طريقي ڪار جو تفاوت آهي. هڪڙا تشدد ڪي طريقي ڪار ٻڌائين ٿا، ٻيا عدم تشدد (اهنسا) ڪي. پهريون بدامنيءَ جو سبب بڻجي ٿو، ٻيو آخرڪار امن آڻي ٿو.

## رواداري ۽ بي تعصبي

رواداري ۽ بي تعصبي سنڌين جو مکيه اصول رهيو آهي. شاهه صاحب هندو راجائن ۽ سورهين جهڙوڪ: سورٺ، راءِ ڏياچ، مومل ۽ راڻو، عمر ۽ مارئي، ليلا چنيسر، سسئي پنهون، وغيره جا قصا بيان ڪري، بي تعصبيءَ جو پورو ثبوت ڏنو آهي. ان ڪان سواءِ سچل سرمستؒ، روحل فقير، بيدل وغيره،

سندن ڪلام ۾ جنهن فراخ دليءَ ۽ همہ اوستيءَ جو مثال پيش ڪيو آهي، اهڙو ٻئي هنڌ ملڻ مشڪل ٿيندو. هو نظريہ همہ اوست ۾ مجڻ ڪري دوئي دور ڪري چڪا هئا.

منجهان پنڊت ۽ مُلا جا مذهبن جي نالي ۾ پيدا ڪيل فرق گم ٿي ويا هئا. جنهن ڳالھہ ڪين باوجود جدا مذهبن جي ويجهو ڪري ڇڏيو هو. آئيندي بہ اسان ڪي انهي نقطي نگاهہ ڪان هر مسئلي تي هلڻو پوندو. جيڪڏهن اسان غير مذهب سان هڪ ٿي سگهون ٿا، تہ ساڳئي مذهب وارن سان حجت ۽ ميلاپ سان ملڻ ۾ ڪهڙي تڪليف ٿيندي سون. البت هيءَ ڳالھہ ذهن ۾ وهارڻي پوندي تہ تعصب ۽ رواداري ٻئي متضاد ڳالهيون آهن. جتي محبت هوندي، اتي تعصب پيدا ٿي ڪين سگهندو. جن دلين ۾ تعصب هوندو، انهن ڪان روادريءَ جي اميد رکڻ اجائي آهي. رواداري سخاوت آهي، تعصب بخل آهي، جو امن ۽ سلامتيءَ تي پيغمبر خدا جي چوڻ مطابق، ڪوبہ بخيل رسي نہ سگهندو، پوءِ ڪٽي هو زاهد بر و بحر جو هوندو.

## روايات جي حمايت ۽ غيرت

سنڌين ۾ قديم روايتن جو لحاظ حد درجي اهم آهي. دودي سومري جو پيڙ جو سنگ ڏيڻ ۽ ٻاهرين جي حڪم مجڻ ڪان قبيلي سوڌو قربان ٿيڻ زيادہ پسند ڪيو. سنڌ جا اڪثر رهاڪو مسلمان آهن، پر قديم روايتن جو لحاظ رکندي، اڪثر ماڻهو قبيلي ڪان ٻاهر سڱاوتي ڪرڻ ڪي عيب سمجهن ٿا. لوئيءَ جي لڄ رکڻ، سون خاطر سيڻ نہ مَٽڻ، سندن مکيہ متا آهن. هن زماني ۾ بہ اجا ڪاري ڪاريءَ جو دستور ۽ انتقام وٺڻ جو رواج ڪيترن جاين تي مروج آهي. جيترا خوب خرابيون پنهنجي عزت ۽ غيرت جي تقاضا ڪري هتي ٿيندڙ آهن، اوترا ٻئي ڪنهن ڇتي هنڌ ٿيندا هوندا. پر اها قوت ۽ غيرت سهي ۽ فروعي ڳالهين تي صرف ڪئي پئي وڃي. **ڪاش اسانجا قومي ڪارڪن انهيءَ جذبہ غيرت ڪي، مُلڪ جي آزادي، زبان جي ترقي، مجموعي طور ڪتب آڻڻ لاءِ جلد ترتيب ڏئي، انهيءَ عظيم ورثي ڪي وڏين ڳالهين طرف صرف ڪرائين تہ سنڌي قوم جي بلند ۽ برتر ٿيڻ ۾ ويرم ئي نہ لڳي.**

## آزاديءَ جي تمنا

سنڌ جي هزارين ورهين جي تاريخ شاهد آهي تہ جيڪڏهن هو ڪنهن وقت ڌارين جي تسلط ۾ اچي ويا آهن، تہ سدائين سندن خواهش ڪوٺن جي ڪيرائڻ ۽ آزاديءَ جي هوا ماڻڻ طرف مائل پئي رهي آهي. راجا ڏاهر ڪان عربن حڪومت ڪسي ۽ هو ڪجهہ وقت هو ڌارين جي تسلط هيٺ رهيا. وري سومرن، سمن جي ڏينهن ۾ هو آزادي حاصل ڪري ويا. وري مغلن جي زير اثر رهڻ بعد ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي ڏينهن ۾ پاڻ پيرا ٿيا. ان ڪان پوءِ انگريزن جي هٿ هيٺ رهي، ٿوري عرصي

لاءِ آزاد ٿي، هاڻ وري مغربي پاڪستان جي زير تسلط ٿي ويا آهن. سنڌ ڪلاسيڪل شاعرن جي مارئيءَ جي قصي بيان ڪرڻ ۾ آزاديءَ جي خواهش، دودي سومري جي ساراهه جا قصا ڳائڻ، جديد شاعرن ۽ افسانه نويسن، اديبن جي قوم پرستي حب الوطني ۽ آزاديءَ جي جذبي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش، سڀ سنڌ ان جذبي جي شهادت ڏين ٿيون. ليڪن هيءَ ڳالهه صاف ذهن ۾ وهارڻ جي لائق آهي ته خواهش جدا شي آهي ۽ آزاديءَ جو حصول جدا آهي.

ڪابه قوم ۽ مُلڪ آزادي حاصل ڪرڻ جي لائق ٿي نه ٿو سگهي، جيستائين ڪه ان جي ٻچي ٻچي ۾ حب الوطني، قوم پرستي، ايثار ۽ قربانيءَ جو جذبو پرجي نه ويو آهي. انگريزيءَ ۾ مثال ته: ”هڪ هنس جي موجودگيءَ ڪري اونهاري جو اچڻ شمار ڪري نٿو سگهجي.“ جتي لکها ماڻهو خود مطلبيءَ جي مرض ۾ گرفتار ٿي پيا آهن، جتي لکها ماڻهو بزدليءَ جي صفت سان پريل هجن، ۽ جنهن مُلڪ ۾ قربانيءَ جي وَٿ اڻ لڀ هجي، اتي صرف آزاديءَ جي تمنا رکڻ مان ڪجهه به هٿ حاصل ٿيڻ جي اميد بيڪار آهي. شاهه سائين اهڙي حالت لاءِ فرمائي ٿو:

هيج نه هوندو جن، سي ڪيئن وندر ويندبون،
وهو وچ رهن، سهسين سڏن واريون.

وري چوي ٿو ته:

ويٺي ور نه پون، ستي ملن نه سُپرين،
سي مر رويو رون، جن مسافر سُپرين.

## ڏاڍ جو مقابلو

ڏاڍ جي مقابلي مان منهنجي مراد اُها آهي ته جڏهن ڪنهن شخص، گروهه يا قوم کي سنڌن بي وسي، ڪمزوري، وسائل جي گهٽتائي، تعداد جي ٿورائيءَ جو پتو هجي ۽ مخالف جي قوت، هر طرح جي وسيلن جي گهڻائي، تعداد جي ڪثرت، جنگجو ذهنيت، جوان مرديءَ جو پتو هجي، پوءِ به لوئيءَ جي لڄ يعني قومي روايتن جي حفاظت، قوم جي ناموس ۽ عزت، سچ جي آواز بلند ڪرڻ لاءِ ڇاڻي واٽي مقابلو ڪري، قربان ٿي وڃي، ان کي اڪثري سُنت حسيني سڏيو وڃي ٿو. ان صفت کان اسان جو ڪلچر خالي نه رهيو آهي. دودي سومري جي ٻن هزار بي سر و سامان ماڻهن جو دهليءَ جي شهنشاهه جي ساز و سامان سان **20** کان **30** هزار منظم فوج سان مقابلو، ان جو مکيه مثال آهي. دولهه درياه خان جو سنڌس ڄام جي پڇي وڃڻ بعد مقابلو ڪري پُٽن سميت شهادت حاصل ڪرڻ، شاهه بلاول عليه جو اصولن خاطر گهاڻي ۾ پيڙجڻ کان نه ٻڄڻ، شاهه عنايت عليه جو حق جي ڪلمي ڇوڙڻ سان يار جي قدمن ۾ سر فدا ڪرڻ، مير شير محمد خان جو مکيه حڪومت جي شڪست ۽ خيرپور جي ميرن جي تابعداري مڃڻ جي باوجود به ورهين جا ورهيه جلاوطنيءَ ۾ رهڻ، هوشو شيدي، هيمو ڪالاڻي وغيره جا مثال ڏيکارين ٿا ته اُن ڪردار کان اسان جا ماڻهو خالي نه آهن. شاهه سائين اهڙي مواد جي ملڪ ۾ ڪمي نه ڏسي فرمايو آهي ته:

اڳيان اڏن وٽ، پوين سر سنباهيا،
ڪات ته پوين قبول ۾، مڇڻ پائين ڳهٽ،
مٿا مهاين جا، پيا نه ڏسين پٽ،
ڪلالڪي هٽ، ڪُسڻ جو ڪوپ وهي!

سر جدا، ڌڙ ڌار، دوڳ جنين جا ديڳ ۾،
سي مر ڪن پچار، حاضر جني هٽ ۾.

# سنڌي آرٽ

آئون مٿي ڪلچر جي معنيٰ ۽ ترڪيبي اجزا ۾ ٻڌائي آيو آهيان ته آرٽ جي هڪ حصي جو فلسفه حيات، نفسيات ۽ مذهبي عقيدن سان واسطو رهي ٿو، ۽ ٻئي جو ادب ۽ فن لطيف سان ٿئي ٿو. پهرين جو ذڪر نظرين ۽ مذهبي عقيدن جي احوال ۾ ڪري آيو آهيان. هتي آئون ٻئي ڀاڱي تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس، ان کي هيٺين ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي بيان ڪندس.

(الف) ادب
(ب) فن لطيف

**ادب:** هر مُلڪ جي رهاڪن وٽ هڪ ٻئي سان تعلقات قائم رکڻ، خيالن جي ڏي وٺ ۽ جذبن جي اظهار لاءِ هڪ عام بولي هوندي آهي. اها بولي پنهنجي ابتدائي زماني ۾ خام ۽ اڻ پوري هوندي آهي، ليڪن وقت گذرڻ ۽ ماڻهن جي ترقي ڪرڻ سان زبان ۾ لفظن، ڪهاڻين، پهاڪن، شعرن، افسانن ۽ علمي ڳالهين جو وڏو ذخيرو ڪٺو ٿئي ٿو. جنهن جي مجموعي کي ان بوليءَ جو ادب يا ساهت سڏيو وڃي ٿو. ساڳئي وطن ۾ رهي، هڪ زبان ڳالهائڻ ۾ هڪ ٻئي سان تعلقات قائم ڪرڻ وسيلي ماڻهن ۾ هم جنسيت جو مادو ٿئي، منجهن ڪلچر پيدا ٿئي ٿو. جو قوم بڻجڻ لاءِ مکيه مواد پيدا ڪري ٿو.

هر قوم جي ڪلچر يا سڀيتا جو ذخيرو، سندن ادب ذريعي محفوظ رهي ٿو. ڪوبه ماڻهن جو مجموعو زبان ۽ ڪلچر کان سواءِ قوم بڻجي نٿو سگهي. ساڳي طرح ڪا زبان ۽ ادب قوم جي وجود کان علحده رهي نٿا سگهن. دنيا جو هر ڪم ڪونه ڪو مقصد ۽ مُراد رکي ٿو. خود ڪائنات جي پيدائش ڪنهن مقصد ۽ مراد کان سواءِ نه آهي. قرآن ۾ آهي، "ما خلقت هاذا باطلا" معنيٰ "ڇا هي سارو مانڊاڻو مقصد کان سواءِ پيدا ڪيو ويو آهي." ادب انهيءَ عام قانون کان جدا ٿي نٿو سگهي.

عام طرح ادب جا ٻه رجحان رهيا آهن.

## هڪ تفريح طبعي لاءِ، ٻيو قومي ترقيءَ لاءِ:

جذبات ۽ اصولن جو مواد ميسر ڪرڻ واسطي ٻنهي قسم جي ادبن جي ضرورت آهي، پر ڏسڻو آهي ته ترجيح ڪنهن کي ڏني وڃي ٿي. سنڌي ادب تي نظر ڪنداسون ته اسان جي شاعرن ۽ اديبن، پوئين قسم جي ادب ڏي خاص توجہ ڏنو آهي. مولانا روم فرمايو آهي ته:

خوشتران باشدکہ سر دلبران،گفتہ آيد در حديث ديگران

معنيٰ "بهترين طريقو حقيقي ڳالهين جي اظهار ڪرڻ جو اهوئي آهي ته ٻين جي قِصن، ڪهاڻين ۽ تشبيهن طور پيش ڪيو وڃي." شاهه لطيف، سچل سرمست، روحل فقير، بيدل وغيره جملي شاعرن اعليٰ سلوڪ جون ڳالهيون، سرويچي، قرباني، حب الوطني، قوم پرستي، مشڪلات کي منهن ڏيڻ قومي روايات قائم رکڻ، سادگي، سچائي، قومي غيرت، آزاديءَ جي خواهش، اتحاد انساني امن وغيره جي ڳالهين کي سهڻي، سسئي، مومل راڻي، ليلا چنيسر، هير رانجهي، جام تماچي وغيره جي ڪهاڻين ۾ بيان ڪيو آهي. اسان جي اصل شاعرن مان جن کي اسان ڪلاسيڪي شاعر سڏي سگهون ٿا، ڪنهن به ان طريقي کي نه ڇڏيو. ليڪن ڪجهه وقت کان هڪ اهڙو رجحان به پيدا ٿيو، جنهن ۾ اردو ۽ فارسي جي تنزل واري دور جو تتبع ڪري، هتي به شاعرن دماغي عياشيءَ لاءِ گُل، بلبل، يار جي زلفن، ناز انداز کي سڀ ڪجهه سمجهي، اُن طرف توجهه ڪيو. ٻيو وري ديون، پرين، بادشاهن جي قصن سان ادب کي پري ڇڏيو.

پري وري شُڪر آهي ته هڪ گروهه پيدا ٿيو آهي، جنهن ادب کي نئين سر وقتي ضرورتن، قوم پرستي، سماجي سڌاري، اخلاقي درستي، جذبہ آزادي ۽ جديد ترقي پسند خيالن سان معمور ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ابتدا ۾ البت انهن جي ساز سڙين، ڪٽر فرقي پرستي، رجعت پسند لڪنڌڙ ۽ شاعرن طرفان مخالفت ٿيندي، پر آخر اُهي ڳڻونءَ جي مٽين ڏندن وانگر ختم ٿي ويندا. منڌائتن مينهن جي موسم ايندي، گُل ڦل نڪري گلزاريون ٿينديون، ڏڪاريا ڏيهن مان نڪري ويندا. موذي مرندا، ساڻيهه ۾ سُڪار ٿيندو. جيڪڏهن اڄ اياز، جمال، نياز، امداد، گدائي ۽ ابراهيم منشي وغيره جهڙن محب وطن اديبن جي پوري طرح سجاڻپ نه ٿي آهي ته مون کي اُهو ڏينهن نئو ڏسڻ ۾ اچي ته سنڌ ۾ انهن جو آواز اُتي ڪڙو ٿيندو ۽ رجعت پسند ڪيڙا مڪوڙا ختم ٿي ويندا.

پر اُهو ڪم اهڙو سوَلو نه آهي جهڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جملي شاگردن، ماسترن، پروفيسرن، عالمن، اهل علم ۽ صاحب ذوق ماڻهن کي هڙان وڙان ڪوشش ڪري، ان ادب جي وڌائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي. اسان جو موجوده ادب بمقابلہ اردو ۽ بنگالي جي گهڻو پوئتي پيل آهي.

سڏائتي سيڪا، ٻُڪ نه باسي ڪا،
جيهي تيهي ذات جي، جنبش ڪانهي ڪا،
مون سين هلي سا، جا جيءُ مِنو نه ڪري.

جڏهن سُتيون جي، پٽر پير ڊگها ڪري،
تڏهين تنين کي، سات سُتي ئي ڇڏيو!

هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ جي لائق آهي، ته مُلا جي تشريح وارو مذهب ترقيءَ جي هر راهه ۾ وڏي رنڊڪ آهي، ترقي پسند ادب جو پهريون فرض اهو آهي ته ان ناسور جي جراحي ڪري پاڙ پٽجي.

# فن لطيف

آرٽ جي ٻئي ڀاڱي ۾ ***1***- راڳ، ***2***- ساز، ***3***- ڊراما، ***4***- رقص، ***5***- سٺو لباس، ***6***-عمدہ طعام، ***7***-هُنر، ***8***- فن تعمير، ***9***- رانديون، ***10***- مصوري ۽ نقاشي وغيره اچي وڃن ٿا.
انهي راهه ۾ سنڌين وٽ ڪجهه ذخيرو موجود آهي، پر اُهو ڪافي نه آهي جو زماني جي ترقيءَ سان ساٿ ڏئي. هر فن ۾ اسان کي اڳتي وڌڻو آهي.

(***1***) راڳ

انهي سلسلي ۾ اسان هندوستاني راڳ وديا جي پوئلڳي ڪندي ابتدا ۾ ڪجهه قدم کنيا ۽ ٻه ٽي راڳڻيون ايجاد ڪيون، جهڙوڪ، ڪوهياري، راڻو، سنڌي ڀيروري وغيره. پر ڪٽر فرقي پرستن تي خدا جي مار پوي، جن راڳ کي، جو روح جي راحت آهي، گناهه ظاهر ڪري ماڻهن کي انهن کان منع ڪئي، جيتوڻيڪ هو مولود، مداحون مناسب سُرن سان چوندا رهيا.
هاڻ وقت آيو آهي ته اسان جا نوجوان مشرق ۽ مغرب جي راڳ مان واقفيت پرائي، پنهنجي مڪاني راڳ کي ترقي وٺائين. ڪو دور هو جو ڪي خاندان، ان فن جي حوصله افزائي ڪندا هئا. هاڻ انهن مان ڪري ٿورا وڃي رهيا آهن. ان جي واڌاري لاءِ اسڪول کولڻ گهرجن، جماعتون ٺاهي، انهن کي هلائڻ گهرجي، راڳ جي ماهرن جي گذر معاش لاءِ انتظام هئڻ گهرجي. درگاهن جا ميلا، ادبي مجلسون، اسڪولن ۽ ڪاليجن جا فنڪشن اهڙي ڪم لاءِ ڪارآمد ٿي سگهن ٿا.

(***2***) ساز

سنڌ کي پنهنجا قديم ساز آهن، جهڙوڪ يڪتارو، گهڙو، نڙ، سُرندو، بينسري، دهل، ڍولڪ، کڙتالون، تنبور، گهنگهرو، دنبورو وغيره. پاڻ انهن ۾ بين، طبلي، ستار، ڪلارونيٽ، الغوزا، هارمونيم وغيره جو اضافو ٿيندو وڃي. پر اسان کي دنيا جي مختلف سازن مان گهربل مواد حاصل ڪرڻ يا پنهنجي سازن کي سڌارڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ڀارت، ايران، عرب، اسپين، مصر، اٽلي يا ٻين مغربي ملڪن جي لئي، ڌُنن، تارن، نغمن، گرن، طرزن ۽ نوٽ ٿيل ڌُنن مان سبق سکڻ گهرجي. براڊ ڪاسٽنگ اسٽيشنون، سئنيمائن جا اسٽوڊيوز، ڪي ماهر ۽ استاد انهيءَ راهه ۾ ڪم ڪري رهيا آهن، پر جهڙي طرح اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ علم پڙهي ڊگريون وٺجن ٿيون، اهڙي طرح راڳ ۽ ساز جي سيکارڻ لاءِ ادارا کولڻ جي ضرورت آهي.

(**3**) ڊراما

ڪو وقت هو جو اسڪولن ۾ ڊراما ٿيندا هئا، شهرن ۾ ٿيٽر هوندا هئا، ڳوٺن ۾ ڀڳت. مسخرا انهيءَ فن کي زنده رکيو آيا. پر هاڻ سنڌ مان تقريباً اهو فن ختم ٿي چڪو آهي. سوسائٽيءَ جي اخلاقي درستي، تفريح، روح جي راحت ۽ تربيت لاءِ ان فن جي نئين سر زنده ڪرڻ جي ضرورت آهي. سئنيمائون ان راهه ۾ ڪجهه ڪمي پوري ڪري رهيون آهن، ته ڪجهه اُن فن کي ڌڪ هنيو اٿن. پر جيڪي ڪجهه ٿيو آهي، يا ٿئي پيو، ان کي خاص مقصدن ۽ مرادن لاءِ سڌارڻ گهرجي. ان کان سواءِ اهي سڀ وانڍڪائيءَ جي ونڊرڪان مٿي ڪو اعليٰ قومي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏئي نٿا سگهن. نوجوان مَردن ۽ زالن کي ان ۾ دلچسپي وٺڻ گهرجي، پر ان کي عياشي ۽ تفريح طبعي جي مقصد لاءِ ڪتب آڻڻ ڪري، قومي اخلاق سڌرڻ بدران بگڙندا. ان ڪري فلمن ۽ ٿيٽرن لاءِ اهل علم، صاحب اخلاق، سماج سڌارڪن کي هٿ ۾ ڪٽڻ گهرجي، نه ڪه اوباش ۽ آواره پيشه وارن ماڻهن کي.

(**4**) رقص

مولا مار وجهي ڪٽر مذهبي ماڻهن ۽ فحش ڪلاس رقاصن تي، جن ان نهايت اعليٰ فن جي عزت گهٽائي، مهڻي هاب ڪري ڇڏيو آهي. اڳئين وقت ۾ عيدن جي موقعن تي سماع، قلندر جي درگاهه تي ڌمال، صوفي ۽ ڀڳتن جو چيريون پائي نچڻ، ڏونڪا، جهمريون وغيره سڀ رقص جا قسم هئا. پر آهستي آهستي ٿي اهي سڀ ختم ٿيندا وڃن ٿا.

هندوستان جو ڪٿڪلي، مانيپوري رقص، مغرب جا ڪيترا جدا جدا رقصن جا طريقا ۽ مڪاني پراڻا لوڪ ڊانس (ڳوٺاڻا ناچ) سڌاري، وڌائي، گهڻو ڪجهه ڪري سگهجي ٿو.

ان لاءِ به راڳ ۽ ساز سان گڏ ان جي تربيت تعليم ۽ ترقيءَ لاءِ اسڪول ۽ ادارا کولڻ گهرجن.

رقص وجد جي حالت آهي، جنهن ۾ جانور، پکي، ماڻهو موج ۾ اچي، خوشيءَ جي انتهائي درجي کي پهچن ٿا. اهل تصوف ۽ فيلسوفن ان کي آرٽ ۾ وڏو درجو ڏنو آهي. هنن جو چوڻ آهي ته زندگي خود هڪ وڏو رقص آهي، جنهن کي جيترو خوش اسلوبيءَ سان ادا ڪبو، اوترو سبحاني ٿيندي.

(**5**) سٺو لباس

خدا حَسين آهي: هو حُسن کي پسند ڪري ٿو. جانور ۽ ماڻهوءَ ۾ اهو تفاوت آهي ته هڪ (اگهاڙو) آهي، ٻيو لباس وارو. هر ملڪ ۽ قوم ۾ لباس جا قِسم آب هوا، قديم روايات وغيره ڪري نرالا ٿين ٿا. جيئن معاشرو ترقي ڪندو وڃي ٿو ته لباس ۾ تبديلي ۽ ترقي لازمي آهي. سنڌ جو پرت، رليون ٿاهڻ، غاليچا، اجرڪن، چُڙ، کيسن ٿاهڻ، لونگي، گربين، وغيره جو ڪم پنهنجو مَٽ پاڻ آهن. سنڌ جي مردانه لباس ۾ سٿڻ، گوڏ، چولو، پهراڻ، قميص، انگوچو، پَٽڪا، ٽوپيون، ٽوپ ۽ جُتيون پنهنجي خصوصيت رکن ٿا.

اهڙي طرح زالن جي لباس ۾ شلوارون چوڙين واريون، ان کان سواءِ پتلونون، پڙا، گهاگهرا، گهگها، چولا، گج، ڪنجريون ۽ مختلف زيور خاص خصوصيت رکن ٿا. وقت آيو آهي ته اسان انهن کي ترقي وٺائي، جديد تقاضائن ۽ دستورن جي مقابلي ۾ پيش ڪريون. زنانن اسڪولن ۾ انهن جي تعليم ۽ تربيت ضروري آهي.

(**6**) طعام جا قِسم

سٺو، صحت بخش، زود هضم ۽ عمدو طعام تهذيب جو مکيه جزو آهي. سنڌ جي عام ماڻهن جو کاڌو چانور، کير، مکڻ، ڏڌ، جوئر، ٻاجهري ۽ ڪڻڪ جي ماني، مڇي گوشت وغيره آهن. ميرن جي دور حڪومت ۾ خاندانن ۾ مغليائي، بلوچي ۽ سنڌي قسم جا طعام زيب دسترخوان هوندا هئا. هن وقت

انگريزي طرز جا طعام پيا مروج ٿيندا وڃن. پر اسان جا ماڻهو طعام جي نقطي نگاهہ کان گهڻوئي پوئتي پيل آهن. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسڪولن ۾ ڇوڪرين کي يا جدا طعام جي اسڪولن ۾ بورچين کي تعليم تربيت ڏئي، مغربي مشرقي قسم جي طعامن کي سِکي، روزمرہ جي زندگيءَ جو حصو بڻايو وڃي. ان ڏس ۾ باوجود خانگي ڪوشش جي حڪومت يا جماعت طرفان ڪابہ خاطر خواهہ ڪوشش ڪانہ ڪئي ويئي آهي.

**(7)** هُنر

سنڌ جا قديم دستڪاريءَ جا هنر چڱا ترقي يافتہ هئا، پر هاڻ آهستي آهستي ٿي انهن جي همت افزائي نہ هئڻ ڪري گهٽبا پيا وڃن. ڪاشيءَ جو ڪم، جنڊيءَ جون شيون، چمڙي جي دٻن ۽ ٻين شين تي نقاشيءَ جو هنر، دٻڪيون، وڃڻا، چلمون، فراسيون، مُوڙا وغيرہ خاص طرح مشهور آهن، جن مان ڪي گهٽبا وڃن. ضرورت اُن ڳالهہ جي آهي تہ نہ رڳو اُڳوڻن هُنرن کي زندہ ڪري، ترقي وٺائي وڃي، پر نون دستڪاري ۽ مڪاني هُنرن کي مروج ڪيو وڃي.

ان لاءِ ڪجهہ سرڪار جي طرفان ڪوشش ٿي رهي آهي، ليڪن سماجي ڪارڪنن جو توجهہ ان طرف هئڻ گهرجي. جيئن اسان جي ڳوٺاڻن ماڻهن جي گذر معاش جو واڌارو هڪ طرف ٿئي ۽ سنڌ جا هُنر ٻئي طرف درست ٿين. پر تاريخ جي مطالعي مان ڪيئي اهڙا مثال مليا هئم، جن مان معلوم ٿيو ٿي تہ جڏهن ڪن قومن ۽ مُلڪن تي ٻاهرين حملي آورن جو سياسي تسلط قائم ٿيو هو، جن مقامي قومن کي تباهہ ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ڪئي هئي تہ ڪجهہ حالتن ۾ اهي ملڪ ۽ قومون انهن مشڪلاتن مان پار پيئون هيون. بشرطيڪ انهن قومن پنهنجا پيا قومي ورثا، زبان، ڪلچر، قومي ڪردار سلامت رکيا هئا. اهڙين قومن جي وري زندہ ٿيڻ جا مثال تاريخ مان ملي سگهيا ٿي. تنهن ڪري اسان جون حالتون هروڀرو نا اُميديءَ جهڙيون نہ هيون.

اهو تاريخي واقعو آهي تہ رومي سامراجين يونانين تي حملہ آور ٿي انهن جو سياسي اقتدار ختم ڪري پنهنجي ماتحت ڪيو هو. ليڪن يوناني سندن زبان ۽ ڪلچر قائم رکڻ ڪري مورڳو رومين ڪلچر ۽ زبان تي پنهنجو سِڪو وهاري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح سان منگولن جو مثال وٺو. جڏهن چنگيز خان ۽ هلاڪو خان وچ ايشيا، ايران ۽ عراق جي حڪومتن تي فتح حاصل ڪري انهن ملڪن کي نيست نابود ڪري ڇڏيو تہ ايرانين جي زبان ۽ ڪلچر سلامت هئڻ ڪري مورڳو هو انهيءَ کي اختيار ڪري ويا. ساڳي حالت منگولن جي چين ۾ ٿي. چين فتح ڪيائون ليڪن چيني زبان ۽ ڪلچر کي اختيار ڪرڻو پين.

سنڌ جي گذريل تاريخ جو مثال اکين اڳيان آهي. سنڌ جو ڪجهہ وقت ايران، ڪجهہ عرصو يونان، ڪجهہ زمانو عربن، ڪو عهد غزنوي، پٺاڻن، ڪا مدت مغلن ۽ ڪو ٿائيم انگريزن جي تسلط هيٺ رهي هئي. جن سندن زبانن ۽ ڪلچرن کي سنڌين تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، مالي طرح ڏُهڻ ۾ ڪين گهٽايو پر اڄ ڇا ٿا ڏسون تہ سنڌي زبان، سنڌي ڪلچر ۽ مالي حالت سلامت آهي. سواءِ ان دورن جي ڪجهہ اثر جي ٻيو ڪجهہ نہ رهيو آهي.

**(8)** فن تعمير

فن تعمير ملڪ جي تهذيب ۽ تمدن جو مکيہ جزو آهي. جيڪڏهن رهڻ لاءِ هوادار، ڪشادہ، خوبصورت ۽ جديد ضرورتن وارو گهر نہ آهي تہ زندگيءَ جو لطف گهٽجيو وڃي. ان ڪري گهرن، ڳوٺن ۽ رستن جي درستي نهايت ضروري آهي.

سنڌ ان ڏس ۾ سواءِ ڪجهه شهرن جي تمام پٺتي پيل آهي. اسان وٽ انجنيئر گهڻا ٿيندا وڃن پر آرڪيٽيڪٽ اصل ڪونه آهن، جي آهن ته اتي ۾ لوڻ برابر. اسان گهڻو وقت انگريزن جي حڪومت ۾ رهڻ ڪري زيادہ توجهه جاين جي مضبوطي طرف ڪي مروج ڪرڻ ۾ دلچسپي ڪون ٿا وٺون. اسان کي گوٺن شهرن ۾ سٺن هوادار، ڪشادہ خوبصورت گهرن، گوٺن جي جوڙجڪ ۽ پارڪن طرف خاص توجهه ڏيڻ گهرجي.

(**9**) رانديون

بدن جي مضبوط، برجسته، تندرست ۽ چُست بڻائڻ لاءِ رانديون نهايت ضروري آهن. ان کان سواءِ اُهي صحت بخش تفريح جو ڪم جدا ڏين ٿيون.

سنڌ ۾ قديم وقت کان مَلهون، ڪبڊيون، ونجهه وٽيون، اتي ڏڪر، ڪينهوڙي وغيرہ جهڙيون رانديون مروج رهيون آهن. هاڻ انهن ۾ ڪرڪيٽ، فٽ بال، ٽينس ۽ هاڪي وغيرہ راندين جو اضافو ٿيو آهي.

سنڌين طرفان سواءِ ملاکڙي ۽ ونجهه وٽيءَ جي راندين جي همت افزائيءَ جي ٻين راندين جي زور وٺائڻ لاءِ گهڻو ڪجهه نه ڪيو پيو وڃي. اهو به ڪن خاص زميندار ۽ صاحب ذوق ماڻهن جي مدد تي مدار رکندڙ آهي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ولايت جي ترقي يافته ملڪن وانگر ڪي اسوسيئيشنون ٺاهي، مڪاني راندين جي ترقي ۽ جديد راندين جي مروج ڪرڻ طرف توجهه ڏنو وڃي.

(**10**) مصوري ۽ نقاشي

سنڌ ۾ مذهبي اثر ڪري مصوريءَ طرف گهٽ توجهه ڏنو ويو آهي. پر ائين نه آهي ته ان طرف اصل توجهه ئي ڪونه ڏنو ويو آهي. جوهي تعلقي ۾ چند قديم قبرستانن ۽ قبرن ۾ ان جا نشان اجا تائين ملن ٿا. سنگ تراشيءَ ۾ چڱي خاصي ترقي ڪيل هئي. پراڻين مسجدن، قبرن ۾ نقاشيءَ جا چند مثال اجان تائين يادگيري ڏياري رهيا آهن، ته ان طرف سنڌين چڱو توجهه ڏنو هو. پراڻن ڪتابن ۽ قرآن شريف تي ڪيل نقش اجا تائين ڪيترن جاين تي محفوظ آهن. ڪاشيءَ ۽ جنڊيءَ تي نڪتل نقش اجان قائم آهن. ٺٽي جي مسجد ۽ سکر ۾ ڪن پراڻن قبرن جي ڪاشيءَ جا ڪم، خاص توجهه لائق آهن. سنگ تراشيءَ ۾ سنڌين خاص توجهه ڏنو آهي. مڪليءَ جي قبرستان، هالن جي پر واري، خدا آباد ۽ ڪيترن ٻين قبرستانن تي سنگ تراشيءَ جو ڪم ڏسڻ وٽان آهي. هاڻ وقت آيو آهي ته هن هنر کي نئين سر زندہ ڪيو وڃي. ان کان سواءِ سيمنٽ ۽ اُڪر جي ڪم کي زور وٺائڻ جي ضرورت آهي.

# نتيجو

هن ساري ڪتاب پڙهڻ بعد، نتيجو اهو ڪڍي سگهجي ٿو ته:

(1) سنڌين وٽ هڪ مستقل ترقي پذير ڪلچر موجود آهي.
(2) اهو باوجود رڪاوٽن ۽ مشڪلاتن جي پاڻ ۾ اهي جز رکي ٿو، جي عالمگير ڪلچر لاءِ ڪارآمد ثابت ٿي سگهن ٿا.
(3) ان ڪلچر جي مذهبي تشريح صحت بخش ۽ ترقي پذير سڏي سگهجي ٿي.
(4) سنڌين جي قومي ڪردار ۾ ڪي اهڙيون روايتون موجود آهن، جن تي بجا طور فخر ڪري سگهجي ٿو. جهڙوڪ: 1- حب الوطني ۽ قوم پرستي 2- ايثار ۽ قربانيءَ جو مادو 3- اهنسا 4- رواداري ۽ بي تعصبي 5- روايات جي حمايت ۽ غيرت 6- آزاديءَ جي تمنا 7- ڏاڍ جو مقابلو.
(5) اسان جي شعر ۾ اعليٰ مقصدن جي ترجيح پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. تنهنڪري ان کي سرتين جي سڏ تي آچڻ ۾ لچ ڪانہ ٿيندي سون.

*